ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 07 آگسٽ 2026ع 23 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 ويپيه شمارو (352)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Friday 7th August 2026

آئيني طريقيڪار تي عمل ڪرڻ کان سواءِ سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ ممڪن ناهي: وڏو وزير

پاڪستان جو آئين نون صوبا ناهڻ جو طريقيڪار واضح طور تي وضع ڪري ٿو جنهن لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ کان ٻه ٽهائي اڪثريت جي قرارداد ذريعي اهڙي قدم جي منظوري ضروري هوندي آهي

سنڌ اسيمبلي سنڌ جي ورهاڱي خلاف ڪيترائي ڀيرا قراردادون منظور ڪيون آهن. جيستائين ان پوزيشن ۾ ڪا آئيني تبديلي نٿي اچي، سنڌ کي وڌيڪ صوبن ۾ ورهائي نٿو سگهجي

سنڌ جا ماڻهو پيپلز پارٽي جي حڪومت تي صوبي جي مفادن جي تحفظ لاءِ ڀروسو ڪن ٿا. عوام چاهي ٿو ته پ پ وٽ سنڌ جي تحفظ جو عزم ۽ صلاحيت ٻئي موجود آهن

اسان ٿر ۾ وڏي پيماني تي مائننگ جي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ۽ اتي حاصل ٿيندڙ تجربا ملڪ جي مختلف حصن سان تعلق رکندڙ اسٽيڪ هولڊرز سان شيئر ڪيا پيا وڃن

ٿر جي ترقيءَ جو تصور هميشه صرف هڪ توانائي جي منصوبي طور نه پر شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن ڪان متاثر ٿي هڪ انساني ترقيءَ جي اقدام طور ڪيو ويو هو

پاڪستان وٽ بي پناهه معدني وسيلا موجود آهن پر انهن جي صلاحيتن کي نمايان ڪرڻ لاءِ مسلسل سيڙپڪاري، جديد ٽيڪنالاجي ۽ هڪ اڳڪٿي جوڳي پاليسي ماحول جي ضرورت آهي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اربع تي چٽن لفظن ۾ واضح ڪيو ته آئيني طريقيڪار تي عمل ڪرڻ کان سواءِ سنڌ جو ورهاڱو ممڪن ناهي ۽ هن ان ڳالهه کي ورجايو ته سنڌ اسيمبلي سنڌ جي موجوده جاگرافيائي حدن سان ڪنهن به نئين صوبي جي قيام جي مخالفت ۾ بار بار متفقه قراردادون پاس ڪيون آهن مقامي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

فلسطينين جي حق تي ڪنهن به قسم جو ٺاهه نه ڪيو ويندو: پاڪستان

8 مسلمان ملڪن جي پرڏيهي وزيرن پاران غزه پٽيءَ ۾ اسرائيل جي مسلسل خلاف ورزين جي شديد مذمت

اهي قدم عالمي قانون، خاص طور تي عالمي انساني قانون جون سنگين خلاف ورزيون آهن: پاڪستاني اختياريون

پاڪستان، مصر ترڪي، انڊونيشيا، اردن قطر سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جي پرڏيهي وزيرن جو هڪ موقف تي اتفاق


اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان مصر ترڪي، انڊونيشيا، اردن قطر سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جي پرڏيهي وزيرن غزه جي پٽيءَ ۾ اسرائيل جي مسلسل خلاف ورزين خاص طور تي صحت جي مرڪزن ۽
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پاڪستان ۾ عوامي جمهوريه چين جي سفير ايچ جيانگ زيدونگ وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ملاقات ڪندي

وڏي وزير پاران بلوچستان ۾ ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه بلوچستان ۾ ڪامياب سيڪيورٽي آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو آهي پنهنجي بيان ۾ وڏي وزير چيو ته مستونگ ۽ واشڪ ۾ 12 دهشتگردن کي انجام
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين پريس ڪانفرنس ڪندي

وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل سعودي عرب جي سرڪاري دوري تي روانا ٿي ويا

دوري دوران سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان سان اهم ملاقاتون ڪيون وينديون

علائقائي امن، سنڌارتي سهڪار ۽ گڏيل حڪمت عملي کي وڌيڪ وڌائڻ بابت به ڳالهيون ٿينديون

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان جي دعوت تي سرڪاري دوري لاءِ سعودي عرب روانو ٿي ويو آهي. وزيراعظم سان گڏ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، فيلڊ مارشل عاصم منير بجاءِ وارو وزير خواجه آصف، سنڌ سماءَ وارو وزير عطا الله تارڙ ۽ وزيراعظم جو خاص مددگار طارق فاطمي به سعودي عرب روانا ٿيا آهن دوري دوران وزيراعظم شهباز شريف سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان سان
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ايران جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو: ايراني صدر

نئين سپريم ليڊر ايران کي متحد ۽ مضبوط بڻائي ڇڏيو آهي: مسعود پزشڪيان

سمورين ڏکيائين باوجود ايران اڄ هڪ طاقتور ۽ باوقار ملڪ طور سڃاتو وڃي ٿو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته آمريڪا سمجهندو هو ته جنگ ۽ پابندين ذريعي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سعودي ولي عهد جي دعوت تي جده پهچي ويو

مڪي جي نائب گورنر وزيراعظم ۽ پاڪستاني وفد جو شاندار استقبال ڪيو

لاڳاپن ۽ حصيداري کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ خطي جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

جده (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان بن عبدالعزيز
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

جماعتِ اسلامي جو ملڪ جي 510 هنڌن تي ڌرڻن جو اعلان

هر شاهراهن تي ٽريفڪ بند رهندي، پر ايمبولينس کي گذرڻ جي اجازت هوندي

احتجاج ۾ رڪاوٽ وڌي وئي ته جماعتِ اسلامي احتجاجي تحريڪ جو دائرو وڌائيندي: حافظ نعيم الرحمان

لاهور (م ڊ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان اعلان ڪيو آهي ته پارٽي جمعي جي ڏينهن پيٽروليم ليوي، مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن خلاف ملڪ جي 510 هنڌن تي پرامن ڌرڻا
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه تقريب ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون، فتنه الهندستان جا 12 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعن واشڪ ۽ مستونگ ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن ڪيو

ڪاروائين جو مقصد ڀارت جي سرپرستيءَ ۾ ڪم ڪندڙ دهشتگرد گروه فتنه الهندستان جو مڪمل خاتمو آهي

سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ ڇتي فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ وڌيڪ 6 دهشتگردن کي ماريو ويو: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعن واشڪ ۽ مستونگ ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪارروايون ڪري فتنه الهندستان جي 12 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو خميس ڏينهن آءِ ايس پي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

باروُد ۽ هٿيارن جي وڏي کيپ موجود آهي، ڪوڙيون خبرون ڦهلائيندڙن کي نه ڇڏينداسين: صدر ٽرمپ

ڪوڙيون خبرون ڦهلائيندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ کين ڊگهي قيد ڪي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو

آمريڪا وٽ، خاص طور تي اهم قسمن جا گولا بارود جا وڏا ذخيرا موجود آهن. وڏي انگ ۾ نوان هٿيار پڻ تيار ڪيا پيا وڃن

ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ گائيڊڊ ميزائلن ۽ ايئر ڊفينس سسٽم جي انٽرسيپٽرن جي کوٽ ٽرمپ انتظاميا تي اثر وڌو: سي اين اين

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪا وٽ گولا بارود جو تمام وڏو ذخيرو موجود آهي جڏهن ته ان جي ابتڙ خبرون ڦهلائيندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ کين ڊگهي قيد کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي جاري ڪيل بيان ۾
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

آصف زرداري رڳو سنڌين کي نوڪريون ڏئي ٿو، ڪراچي وفاق حوالي ٿي سگهي ٿو: مفتاح اسماعيل

پيپلز پارٽي نوان صوبا ناهڻ واري تجويز نه مڃي ته ڪراچي کي وفاق جي ماتحت آڻڻ جو فيصلو ٿي سگهي ٿو

نظام جي ناڪامي ۽ نون صوبن جي ضرورت سياسي جماعتن جي نااهلي ۽ ڪرپشن جو نتيجو آهي

سنڌ حڪومت وٽ ڪنهن چونڊيل ميئر کي هٽائي ڪمشنر يا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪرڻ جو اختيار نه هجڻ گهرجي

ڪراچي (م ڊ) اڳوڻي وفاقي وزير ۽ عوام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻ مفتاح اسماعيل دعويٰ ڪئي آهي ته آصف علي زرداري رڳو سنڌين کي نوڪريون ڏئي ٿو ۽ ڪراچي ۾ سب پوليس آفيسر سنڌي آهن. جڏهن ته جيڪڏهن پيپلز پارٽي نوان صوبا ناهڻ واري تجويز نه مڃي ته ڪراچي کي وفاق جي ماتحت آڻڻ جو فيصلو ٿي سگهي ٿو
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار مدينه المنوره پهتو، روضي رسول ﷺ تي حاضري

نائب وزيراعظم پاڪستان جي امن، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعا گهري

اسحاق ڊار احد جبل تي به ويو جتي هن حضرت امير حمزه رضہ جي مزار تي حاضري ڏني

مدينه المنوره (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار مدينه المنوره پهچي ويو آهي جتي هن رسول الله ﷺ جي روضي مبارڪ تي حاضري ڀري، سلام پيش ڪيو ۽ عبادت ۽ نفل ادا ڪيا
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني حڪومت عالمي ميڊيا تي مڙهيل پابنديون هٽائي، بين الاقوامي ذميواريون نڀائي: ايڇ آر سي پي

حڪومت جي نئين فارين ميڊيا فيسليٽيشن گائيڊ لائينز آزاد صحافت جي رستي ۾ رنڊڪ بڻجنديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انساني حقن بابت ڪم ڪندڙ تنظيم هيومن رائيٽس ڪميشن
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي زرعي شعبي ۾ آمريڪي ڪمپنين لاءِ وڏا موقعا موجود آهن: نيٽلي اي بيڪر

پاڪستان ۾ آمريڪي مشن خوشحالي کي هٿي وٺرائڻ جي مقصد تحت هڪ ويب نار ڪوٺائي وئي

آمريڪي ڪاروباري ادارن، سيڙپڪارن، پاڪستاني سرڪاري عملدارن ۽ زرعي شعبي سان واڳيل نمائندن جي شرڪت

ويب نار ۾ شرڪت ڪندڙ پاڪستاني نمائندن زرعي شعبي سان لاڳاپيل ريگيوليٽري ۽ پاليسي سڌارن بابت پڻ خيالن جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۾ آمريڪي مشن خوشحالي کي هٿي وٺرائڻ جي مقصد تحت هڪ ويب نار ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ آمريڪي ڪاروباري ادارن سيڙپڪارن پاڪستاني سرڪاري
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسان وٽ مخالف ڌر جي اڪائن جو ڪوبه ڪيس پڌرو ٿيڻ هيٺ ناهي: اليڪشن ڪميشن

اليڪشن ڪميشن وٽ مخالف ڌر جي اڪائن بابت ڪوبه ڪيس پڌرو ٿيڻ هيٺ ناهي: اي سي پي

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن ڪجهه اخبارن ۾ شايع ٿيل خبرن جي حوالي سان حقيقتن جي درستگيءَ لاءِ وضاحت ڪئي آهي ته اليڪشن ڪميشن وٽ مخالف ڌر جي اڪائن بابت ڪوبه ڪيس
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

فلم "ميرا لياري" جو آسڪر ايوارڊ جي نامزدگي لاءِ شامل ٿيڻ هڪ اهم اعزاز آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت فلم، ثقافت ۽ تخليقي صنعتن جي واڌ ويجهه لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي

جيڪڏهن فلم آسڪر ايوارڊ لاءِ ڪاميابي ماڻي ته اها هڪ تاريخي سنگ ميل ثابت ٿيندي

ڪوشش آهي ته سنڌ کي فلم سازي جو هڪ مضبوط، جديد ۽ عالمي معيار جو مرڪز بڻايو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي سهڪار سان تيار ڪيل فلم "ميرا لياري" آسڪر ايوارڊ جي نامزدگي واري دوڙ ۾ شامل ٿي وئي آهي جنهن کي سنڌ
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال اسلام آباد ۾ سينٽرل ڊولپمينٽ ورڪنگ پارٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي

مليرِ ۾ اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 50 ورهين جو شخص قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير جي علائقي گهگهر ڦاٽڪ لنڪ روڊ تي ماشاالله بلوچ شاندار هوٽل ڀرسان اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ شخص قتل ٿي ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ امدادي ادارن جا رضاڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا ۽ مقتول جو لاش جناح پوسٽ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف واقعن دوران 3 ڄڻا فوت، پوليس مقابلن ۾ زخمين سميت 12 مبينا ڌوڙو گرفتار

سائيٽ سپر هاءِ وي، نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا، ميمڻ ڳوٺ، درخشان، شاهه لطيف ۽ گلشن معمار ۾ مبينا مقابلا ٿيا

ڌار ڌار مقابلن دوران 12 مبينا ڦورن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان هٿيار ۽ ڦريو سمان هٿ ڪيو ويو

مختلف علائقن ۾ ٽيل روڊ حادثن سبب ٽي ڄڻا فوت ٿي ويا، لاش اسپتال منتقل، واقعن جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ پوليس سان مبينا مقابلا ۽ ٽريفڪ حادثن جا ڪيترائي واقعا پيش آيا، جن ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿيا. پوليس مختلف ڪارروائين دوران زخمين سميت 12 مبينا ڦورو گرفتار ڪري هٿيار، موبائل فون روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪلون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب سائيٽ سپر هاءِ وي، نيو ڪراچي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ٽرانسپورٽرن جو پيٽرول اگهن ۾ واڌ خلاف ملڪي سطح تي ڦيٿا روڪ هڙتال جو اعلان

مني مزدا ايسوسيئيشن ۽ گڏيل ٽرانسپورٽ ايسوسيئيشن پاران حد کان وڌيڪ ڏنڊ لڳائڻ خلاف اڄ احتجاج جو سڏ

ملڪي سطح تي هڙتال جو آغاز 8 تاريخ کان ٿيندو، حڪومت اسان جا مطالبا منظور ڪري، ٻي صورت ۾ ڪاروهوار متاثر ٿيندو: اڳواڻ

ڪراچي (م ڊ) ٽرانسپورٽرن جو پيٽروليم شين جي قيمتن خلاف ملڪي سطح تي ڦيٿا روڪ هڙتال جو اعلان ڪيو آهي پاڪستان مني مزدا ايسوسيئيشن ۽ گڏيل ٽرانسپورٽ ايسوسيئيشن پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ روزاني جي ڦيرڦار ۽ حد کان وڌيڪ ڏنڊ لڳائڻ خلاف احتجاج ڪندي 8 آگسٽ کان ملڪي سطح تي "ڦيٿا روڪ" هڙتال جو اعلان ڪيو آهي. پاڪستان مني مزدا ايسوسيئيشن جي مرڪزي صدر تنوير جٽ بڌايو ته ملڪي سطح تي هڙتال جو
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق پارليامينٽ هائوس ۾ ال لائيچ ليڊ بوٽ ڪيمپ بلوچستان جي شرڪت ڪندڙن سان ملاقات ڪندي

سنڌ جي عوام جي حقن جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: جام اڪرام

صوبي جي جي آئيني، جاگرافيائي يا عوامي حقن تي سياست ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

سنڌ جي مفادن جي تحفظ تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو: وفد سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صنعت ۽ واپار کاتي واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سان سنڌس آفيس ۾ مختلف وفدن ملاقات ڪئي ۽ کين عوام کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو. صوبائي وزير وفدن جا مسئلا
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ ماسٽر پلان اٿارٽي کي ڇهن سالن کان ايڪٽ ۽ گورننگ باڊي جي بغير هلائڻ جو انڪشاف

اٿارٽي جو 2020ع ۾ قيام عمل ۾ اچڻ کان پوءِ به اڃا تائين اٿارٽي جو ايڪٽ منظور نه ٿي سگهيو

پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽي اٿارٽي کان سنڌ جي سمورن ضلعن جو ماسٽر پلان طلب ڪري ورتو

ٻن مهينن اندر اٿارٽي جو ايڪٽ سنڌ ڪابينا ۽ سنڌ اسيمبليءَ مان منظور ڪرايو وڃي: نثار کهڙو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽي ۾ سنڌ ماسٽر پلان اٿارٽي گذريل ڇهن سالن کان ايڪٽ ۽ گورننگ باڊي جي بغير هلائڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي جنهن تحت ماسٽر پلان اٿارٽي جو 2020ع ۾ قيام عمل ۾ اچڻ کان پوءِ به اڃا تائين اٿارٽي جو ايڪٽ منظور نه ٿي سگهيو آهي ۽ نه ئي گورننگ باڊي جوڙي وئي آهي ان تي پي اي سي سنڌ ماسٽر پلان اٿارٽي کان سنڌ جي سمورن ضلعن جو ماسٽر پلان طلب ڪندي هدايت ڪئي ته ٻن مهينن
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پي اين سي اي ۾ قومي ثقافتي داستان "نقوش وطن" جي لانچنگ تقريب ۾ مشهور قومي سطح جا موسيقار پرفارم ڪري رهيا آهن

بنگلاديش ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان شڪيب الحسن جي گهر تي حملو، پيٽرول بم اڇلائي باهه لڳائي وئي

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان ۽ پارليامينٽ جي اڳوڻي ميمبر شڪيب الحسن جي گهر تي مجرمن ساڻهن حملو ڪري پيچ ڏاهه ڪئي ۽
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪورين قونصل جنرل مسٽر جوهون ڪم سان ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ سنڌ پوليس جي شهيدن جي ڏهاڙي تي تقريب منعقد، ڀرپور ڀيٽا پيش

پوليس شهيدن جون قربانيون پوري قوم لاءِ حوصلي، ذميواري ۽ عزم جو هڪ مسلسل ذريعو آهن: مراد علي شاهه

ملڪي سلامتي ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ جانيون قربان ڪندڙ شهيد ماڻهن جي دلين ۾ زندهه رهندا: ضياءَ لنجار

سنڌ پوليس جا جوان ڏکين حالتن ۽ خطرن جي باوجود ڏوهاري عنصرن خلاف وڏي عزم سان ذميواريون نڀائين پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ صوبائي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار سنڌ پوليس جي شهيدن جي ڏهاڙي جي موقعي تي منعقد هڪ تقريب ۾ شهيدن کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي ۽ سندن قربانين کي صوبي ۾ امن سلامتي ۽ قانون جي حڪمراني جو بنياد
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

بار، بينچ ۽ پوليس کي گڏجي رياستي ادارن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻو پوندو: آءِ جي سنڌ

گلبهار ٿاڻي ۾ وڪيل تي مبينا تشدد واري معاملي ڪانپوءِ آءِ جي سنڌ سٽي ڪورٽ پهچي ويو

جاوداني فيصلن سبب پنهنجي ادارن جي وچ ۾ موجود ڪم ڪندڙ لاڳاپا متاثر نه ٿيڻ گهرجن: ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلبهار ٿاڻي ۾ وڪيل تي مبينا تشدد واري معاملي ڪانپوءِ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڊو سٽي ڪورٽ پهچي ويو جتي ڊي آءِ جي ساڻوٿ اسد رضا پڻ ساڻس گڏ موجود هو آءِ جي سنڌ سٽي ڪورٽ ۾ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي قيادت سان ملاقات ڪري تفصيلي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گروپ آرٽ نمائش منعقد، ملڪ جي عظيم مصورن کي خراج تحسين پيش

انجنيئر جمي فاليءَ پاران منعقد ڪيل نمائش ۾ ناميارن مصورن جا تخليقي فن پارا رکيا ويا

نمائش کي مصوريءَ جي ورثي کي نئين نسل تائين پهچائڻ جي هڪ اهم ڪوشش قرار ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسٽوڊيو سرائي ۾ آرٽ نمائش عنوان "An Ode to the Masters" منعقد ڪئي وئي هن تقريب پاڪستان جي عظيم مصورن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هڪ شاندار گروپ
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

وزيرستان جي احسن محمود عالمي تائيڪوانڊو چيمپئن شپ ۾ گولڊ ميڊل کٽي ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيرستان جي باصلاحيت نوجوان رانديگر احسن محمود
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: ايس اي زيڊ لاءِ بي او آءِ جو 10 هون اجلاس قيصر احمد شيخ هارون اختر ۽ نائي واري وزير مملڪتي بلال اظهر ڪياني جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

جماعت اسلامي طرفان مهانگائي ۽ عوام دشمن معاشي پاليسين خلاف اڄ ڌرڻا هنيا ويندا

حڪومت جي عوام دشمن معاشي پاليسين عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي: ڪاشف سعيد

سموري سياسي قيادت کي قومي مفاد ۾ گڏ ويهي مسئلن جو حل ڳولڻو پوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ پيٽروليم مصنوعات تي لاڳو پيٽرول ليوي کي "حڪومتي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ ۾ چوڪيدار قتل، لاش اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ بوٽ
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وزير محسن نقوي چين ۽ ترڪيه مان تربيتي ڪورس مڪمل ڪري وايس آيل اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ آف پوليس سان ملاقات ڪندي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻن عورتن سميت 8 ڄڻا فوت، 13 زخمي

بلديا اتحاد ٽائون ويجهو حادثي ۾ نوجوان عبدالرحمان ۽ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر سبب اڻڄاتل شخص فوت ٿي ويو

شاهراهه فيصل تيز رفتار ڪاليج بس جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل تي سوار ناري سويرا فوت ٿي وئي

گلشن جمال شاهين شنواري هوٽل جي ويجهو آفيس مان نوجوان جو ڦاهو لڳل جو لاش مليو، سڃاڻپ نه ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ حادثن ۽ واقعن ۾ 2 عورتن سميت 8 ماڻهو فوت ٿي ويا ۽ 7 عورتن سميت 13 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. بلديا اتحاد ٽائون خيبر چوڪ ويجهو ٽريفڪ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2



راولپنڊي: وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي سرڪاري دوري تي روانگي وقت وڏو ڪندو

سنڌ حڪومت ۽ ڪوريا وچ ۾ مختلف شعبن ۾ گڏيل طور ڪم ڪرڻ تي اتفاق

سيد مراد علي شاهه سان جمهوريه ڪوريا جي قونصل جنرل مسٽر جوهون ڪم ملاقات ڪئي

ٻطرفن لاڳاپن، واپار، سيڙپڪاري ۽ گڏيل سهڪار جي واڌاري بابت تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه سان جمهوريه ڪوريا جي قونصل جنرل مسٽر جوهون ڪم ملاقات
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ماحول دوست ۽ سرمائيداري منصوبن کي ترجيح ڏئي پئي: دوست محمد راهمون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ماحول محفوظ هوندو ته معيشت مضبوط ٿيندي. پوري دنيا ۾ ماحولياتي منصوبن تي اربين ڊالرز
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

خيرپور ۾ جماعت اسلامي عورت ونگ پاران مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ممتاز حسين سهتو، ناظمه سيده ساره ضياءَ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پيٽرول تي ليوي جي نالي ۾ ٿو وٺڻ بند ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي: اڳواڻ

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ جماعت اسلامي عورت ونگ پاران چنري چوڪ تي مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ عورتن ۽ ٻارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج ۾ شامل عورتن ۽ ٻارن پنهنجي هٿن ۾
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي سٽيٽ پوليس جي مبينا تشدد ۾ نوجوان بيهوش، وارثن جو ٿاڻي اڳيان مظاهرو

خدا جي بستي جي رهواسي نوجوان راشد جٽ کي وارثن بيهوشي واري حالت ۾ ٿاڻي آڏو آڻي احتجاج

نوجوان جو ڦيٽرن ۾ وارادات ۾ مارت آهي، راشد کي سهولتڪار هجڻ جي شڪ ۾ گرفتار ڪيو هو: پوليس

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي جي خدا جي بستي نمبر 1 جي رهواسي نوجوان راشد جٽ کي پراسرار حالتن ۾ بيهوشي واري حالت ۾
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي سائيٽ مان پوليس پاران ٻه ٻن پاڻن کي ڪنهن ڪٿي وڃڻ جا الزام، احتجاج

سڄل سرمست ڪالوني جي رهواسين ۽ جئي سنڌ قومي محاذ جي اڳواڻن گڏيل طور احتجاج ڪيو

پوليس قومي ڪارڪن ٻائر ٽانيان جاگيراڻي ۽ هوشو جاگيراڻي کي ڪنهن کڻي وئي آهي: الزام

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڳوٺ ياسين پوليس طرفان گرفتار ڪيل ٻن نوجوانن مان هڪ ڄڻو تشدد ۾ فوت، وارثن جو احتجاج

پوليس ٽي ڏينهن اڳ فائرنگ ڪرڻ جي الزام هيٺ ساجد ۽ آصف پٺاڻ کي گرفتار ڪيو هو

مبينا پوليس تشدد ۾ نوجوان آصف پٺاڻ فوت ٿي ويو، لاش اسپتال منتقل، وارث پڻ پهچي ويا

ڳوٺ ياسين (ن ع) ڳوٺ ياسين ۾ پوليس پاران 3 ڏينهن اڳ گرفتار ڪيل ٻن نوجوانن مان هڪ ڄڻو پوليس جي تشدد ۾ فوت ٿي ويو آهي سليل رپورٽن موجب ڏينهن اڳ ڳوٺ ياسين پوليس شهر مان ساجد پٺاڻ ۽ آصف پٺاڻ کي گرفتار ڪيو ويو جنهن مان آصف پٺاڻ پوليس تشدد ۾ فوت ٿي ويو آهي. ايس ايڇ او ڳوٺ
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

نوجوان مير رضا علي ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي، قبر ڪشائي واري درخواست منظور

مقامي عدالت پاران ميڊيڪل بورڊ جوڙي قبر ڪوٽائي ڪرائڻ ۽ ٻيهر پوسٽ مارٽم ڪرائڻ جو حڪم جاري

منهنجي پٽ کي قتل ڪيو ويو آهي، واقعي کي خودڪشي جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: والد

ڪيس داخل ٿيڻ باوجود اڄ تائين جاچ آفيسر مدعي جو بيان به قلمبند ناهي ڪيو: وڪيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ايمپلائيز هائوسنگ سوسائٽي (پي اي سي ايڇ ايس) جي رهواسي نوجوان واپاري مير رضا علي جي پراسرار موت واري ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي جوڊيشل
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: دڪاندار قومي جهنڊا، بيج، قلم ۽ ٻيون شيون وڪڻي رهيا آهن



ايم سي پي وضاحت

(اسلام آباد): مداس ڪميونيڪيشنز پاڪستان (پرائيويٽ) لميٽيڊ (Midas Communication Pakistan Pvt Ltd) واضح ڪيو آهي ته اها هڪ آزاد ڪميونيڪيشنز اداري طور ڪم ڪري ٿي ۽ هن ڪمپني جو پنهنجي نالي جهڙي يا ساڳي سڃاڻپ رکندڙ ڪنهن به ٻي ڪمپني، اداري يا ڪاروبار سان ڪو به تعلق، وابستگي يا شراڪت ناهي. خميس ڏينهن جاري ڪيل هڪ بيان ۾ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر نديم اڪبر چيو ته مداس ڪميونيڪيشنز پاڪستان، جيڪا سال 2000ع ۾ قائم ٿي ۽ جنهن جو هيڊ آفيس اسلام آباد ۾ واقع آهي، جو اهڙي ڪنهن به ڪمپني يا اداري جي ڊائريڪٽرن، شيئر هولڊرن، انتظاميا، ملازمن، نمائندن يا ايجنٽن سان ڪو به واسطو ناهي. هن وڌيڪ چيو ته اهڙين ڪمپنين يا ادارن جون سموريون ڪاروباري سرگرميون يا قانوني ڪارروايون، جن ۾ قومي احتساب بيورو (نيب)، ڪنهن به عدالت، ٽربيونل، ريگيوليٽري اٿارٽي يا سرڪاري اداري آڏو هلندڙ ڪيس به شامل آهن، مڪمل طور تي انهن ادارن جي پنهنجي ذميواري آهن ۽ انهن جو مداس ڪميونيڪيشنز پاڪستان (پرائيويٽ) لميٽيڊ سان ڪو به تعلق ناهي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪمپني جي نالي، سڃاڻپ يا ساک جو غيرقانوني استعمال ڪيو ويو، غلط نمائندگي ڪئي وئي يا ڪنهن به قسم جي جعلسازي ڪئي وئي ته ايم سي پي مناسب قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو پنهنجو حق محفوظ رکي ٿي

پاڪستان کي سالياني 1.5 ارب ڊالرن کان وڌيڪ جي پرڏيهي ناڻي جي بچت ڪرائي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته ريجهي مستقبل ۾ ٿر مان بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت 3,000 ميگاواٽ تائين پهچڻ جي اميد آهي. ٿر جي ڪاٺو لڳايل 175 ارب ٽن لڳنائٽ ذخيرن جيڪي دنيا ۾ ڪوئلي جي سڀ کان وڏن ذخيرن مان هڪ آهن جو حوالو ڏيندي هن چيو ته ان وسيلي جو هيل تائين صرف هڪ ننڍڙو حصو ئي تيار ڪيو ويو آهي جنهن مان مستقبل جي سيڙپڪاري ۽ توسيع لاءِ اهم موقعا موجود آهن. منصوبي جي تاريخ بيان ڪندي مراد شاهه ياد ڏياريو ته جيڪڏهن ٿر جي ڪوئلي جا ذخيرا 1980 جي ڏهاڪي جي آخر ۾ دريافت ٿيا هئا ۽ 1990 جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ انهن جي تصديق ٿي هئي پر ريگوليٽري فريم ورڪ، مالي مراعات ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد جي کوٽ سبب تقريبن ٻن ڏهاڪن تائين ترقيءَ جي رفتار سست رهي هن چيو ته 2008 ۾ ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ جي قيام ۽ گڏوگڏ سنڌ حڪومت پاران انفراسٽرڪچر ۾ ڪيل وڏي سيڙپڪاريءَ منصوبي جو رخ بدلائي ڇڏيو. صوبائي حڪومت مائننگ جي ڪمن ۾ مدد ڏيڻ ۽ خطي ۾ زندگيءَ جي حالتن کي...

بقايا 1 روزاني عبرت

شام وانگر ايران ۾ به حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندي پر اهو ناڪام رهيو. سرڪاري ٽي وي تي هليل انٽرويو ۾ هن چيو ته نئين سپريم ليڊر ايران کي متحد ۽ مضبوط بڻائي ڇڏيو آهي جڏهن ته ايراني عوام جي حوصلي ۽ عزم دشمن جا ارادا ناڪام بڻائي ڇڏيا آهن ۽ سمورين ڏکيائين باوجود ايران اڄ هڪ طاقتور ۽ باوقار ملڪ طور سڃاتو وڃي ٿو سنڌس چوڻ هو ته آخر...

آفيس آف دي ميونسپل ڪميٽي شهدادپور، ضلعو سانگهڙ

نمبر: MC/TAX/SHD/318 - 2026 شهدادپور تاريخ: 04-08-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ)

سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ رولز_2010 جي تحت هيٺ ڏنل ڪم لاءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ لاڳاپيل ڪيٽيگريءَ ۾ رجسٽرڊ ۽ تجربو رکندڙ اهل واڪ ڏيندڙن کان مهربند آڇون (SBD) گهرائجن ٿيون.

شمار نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل رقم (ملين ۾)	سوڻي رقم جو 2% (ملين ۾)	آڇ / ٽينڊر في	مڪمل ڪرڻ لاءِ ڏنل وقت
1.	شهدادپور ۾ ماءِ سهڻي شاپنگ مال جي تعمير	35.0	0.7	5000/-	9 مهينا

شرط ۽ ضابطا:

1. واڪ دستاويز ۽ تفصيلي شرط ۽ ضابطا هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان ڏسي سگهجن ٿا. آفيس مان ڪورا ٽينڊر فارم هيٺ صحيح ڪندڙ جي نالي تي پاڪستان جي ڪنهن به بااعتماد بينڪ مان ڪال ڊپازٽ جمع ڪرائي ۽ نان ريفنڊايبل ٽينڊر في ادا ڪري حاصل ڪري سگهجن ٿا.
2. ڪابه شرطيا ٽينڊر/ آڇ قبول نه ڪئي ويندي.
3. ٽينڊر 24-08-2026 تي صبح 11:00 وڳي تائين وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن منجهند 12:00 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران واڪ ڏيندڙن يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.
4. جيڪڏهن هيٺ صحيح ڪندڙ آفيس مان ٻاهر هجي يا حڪومت پاران ٽينڊر جاري ڪرڻ يا کولڻ واري ڏينهن تي عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي، ته ٽينڊر اڳئين ڪم ڪاروار ڏينهن صبح 11:00 وڳي تائين جاري ڪيا ويندا. 12:00 وڳي تائين وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن 12:30 وڳي کوليا ويندا.
5. جيڪڏهن آڇ/ٽينڊر غير جوابده رهيا ته پوءِ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي اينڊڙ تاريخ 09-09-2026 صبح 11:00 وڳي هوندي، وصول 12:00 وڳي تائين ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن منجهند 1:00 وڳي کوليا ويندا.
6. پروڪيورمينٽ ايجنسي رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪري سگهي ٿي.
7. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان ڪم جي لاڳاپيل شعبي ۾ رجسٽريشن ۽ هر ڪم جي ٽينڊر رقم جي حد تائين هجڻ ضروري آهي.
8. واڪ دستاويز صرف انهن آڇ ڏيندڙن کي جاري ڪيا ويندا جن وٽ PEC-2026-2027 وٽ رجسٽرڊ (CE-09) ڪيٽيگري هجي.
9. آڇ ڏيندڙن لاءِ سنڌ روينيو بورڊ وٽ رجسٽرڊ هجڻ ۽ NTN ۽ CNIC هجڻ لازمي آهي.
10. اسٽامپ پيپر تي بيان حلفي جمع ڪرائڻو پوندو ته فرم ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ ملوث ناهي، يا اڳ ۾ ڪنهن به ايگزيڪيوٽنگ ايجنسي پاران بليڪ لسٽ ناهي ٿيل، ۽ نه ئي ڪنهن ڪاتي ۾ ڪم اڌ ۾ ڇڏيو اٿس، ۽ جمع ٿيل سڀ دستاويز ۽ ڄاڻ سچي ۽ درست آهي.
11. خريداريءَ جو طريقو: هڪ مرحلي تي هڪ لفافي.
12. فرم جي صورت ۾، پارٽنرز جي لسٽ، پارٽنرشپ ڊيڊ، ڊائريڪٽرن/ مالڪن جا مڪمل تفصيل ۽ پاور آف اٽارني جمع ڪرائڻي پوندي. سول پروجيڪٽر جي صورت ۾ به اهڙو بيان حلفي جمع ڪرائڻو پوندو.
13. دستاويز انهن ماڻهن کي جاري نه ڪيا ويندا جن NTN سرٽيفڪيٽ، سنڌ ريوينيو بورڊ سرٽيفڪيٽ، ۽ لاڳاپيل ڪوڊ سان PEC-2026-27 سرٽيفڪيٽ پيش نه ڪيو هوندو.

INF/KRY/3312/2026

چيف ميونسپل آفيسر
ميونسپل ڪميٽي، شهدادپور

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ايران-امريڪا تڪرار ڪٿي ڇيھ ڪندو؟ صفحو 4

محمود شام
نظام پوڙهو، پاڪستان جوان صفحو 4

مصنوعي ذهانت ۽ مفلوج ٿيندڙ انساني سوچ
غلام فاروق صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن .... 07 آگسٽ صفحو 4

ڏڙي پرسان والپشاهه سم نالو اوور ٽاپ،ڪروڙين روپين جا فصل پاڻي هيٺ،ڳوٺ ٻڏڻ جو خدشو

والپشاهه سم نالو اوور ٽاپ ٿيڻ سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل سارپالي فصل سميت ٻيا فصل پاڻي هيٺ اچي ويا،آبادگارن کي ڪروڙين رپين جو نقصان

والپشاهه سم نالي جو پاڻي ڳوٺ سليمان لوڻيو، ڳوٺ نور محمد ٽانڊائي، ڳوٺ الهجڙيو سميجو جي چوطرف بيٺل،سم نالي جي پاڻي سبب ڳوٺ ٻڏڻ جو خدشو

والپشاهه سم نالي جي ڪاٽي نہ ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن يوسف لوڻيو، جڙيو لوڻيو ۽ ولي محمد ٽانڊائي جي اڳواڻي ۾ ڳوٺاڻن طرفان احتجاج ڪيو ويو

والپشاهه سم نالي جي گذريل ڪيترن سالن کان ڪاٽي نہ ٿيڻ ڪري سم نالو گند ڪچري سان لٽجي اوور ٽاپ ٿي ويو آهي:آبادگار ۽ ڳوٺاڻا

سم نالي کي آر ڊي 33 وٽان 5 ڏينهن اڳ گھارو لڳو جيڪو اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻڌي ڳوٺ کي ٻڏڻ کان بچائي ورتو هو


ڏڙو والپشاهه سم نالو اوور ٽاپ ٿيڻ سبب فصل پاڻي هيٺ، ڳوٺ ٻڏڻ جو خطرو

ڏڙو (ن ع) ڏڙي ويجهو يونين ڪائونسل مراد پور جي ديهه لنڊاڪو ۾ والپشاهه سم نالي جي ڪاٽي نہ ٿيڻ ڪري سم نالو اوور ٽاپ ٿي ويو جنهن سبب ڪروڙين روپين جا فصل ٻڏي ويا آهن تازي برسات پوڻ کان پوءِ والپشاهه سم نالو اوور ٽاپ ٿي وڃڻ سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل سارپالي فصل سميت ٻيا فصل پاڻي هيٺ اچي ويا آهن جنهن سبب آبادگارن کي ڪروڙين رپين جو نقصان ٿيو آهي، والپشاهه سم نالي جو پاڻي ڳوٺ سليمان لوڻيو ڳوٺ نور محمد ٽانڊائي ڳوٺ الهجڙيو سميجو جي چوطرف بيٺل آهي وڏيڪ برسات پوڻ جي صورت ۾ سم نالي جي پاڻي سبب ڳوٺ ٻڏڻ جو خدشو ڏيکاري رهيا آهن. ڪاٽي نہ ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن يوسف لوڻيو جڙيو لوڻيو ۽ ولي محمد ٽانڊائي جي اڳواڻي ۾ ڳوٺاڻن طرفان احتجاج ڪيو ويو اُن موقعي تي آبادگارن ۽ ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ والپشاهه سم نالي جي گذريل ڪيترن سالن کان ڪاٽي نہ ٿيڻ ڪري سم نالو گند ڪچري سان لٽجي اوور ٽاپ ٿي ويو آهي. هنن چيو تہ سم نالي جي پاڻي تباهي مچائي ڇڏي آهي جنهن سبب سوين ايڪڙن تي پوکيل سارين جو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو آهي ڳوٺ ٻڏڻ جو خدشو آهي، سم نالي کي آر ڊي 33 وٽان 5 ڏينهن اڳ گھارو لڳو جيڪو اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻڌي ڳوٺ کي ٻڏڻ کان بچائي ورتو هو، هنن مطالبو ڪيو تہ سم نالي جي ڪاٽي ڪرائي وڃي وڏيڪ نقصان کان بچايو وڃي

حيدرآباد جي واسا ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 34 ڏينهن ۾ احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله،محمد نديم،شاهد خان،جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن: ذاڪر الله

ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سهوليون مراعتون وٺي رهيا آهن

اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن بيچيني ختم ڪئي وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 34 ڏينهن ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله ، محمد نديم، شاهد خان،جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هنن چيو تہ حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو تہ 19 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نہ ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو تہ ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سهوليون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي.هنن چيو تہ اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن. هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي تہ ماضي جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ قليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

ٽنڊو محمد خان ايس ايس پي آفيس ۾ يوم شهداءِ ملهايو ويو

ٽنڊو محمد خان(ن ع)ٽنڊو محمد خان پوليس پاران فرضن جي ادائيگي دوران وطن تي سر قربان ڪندڙ شهيد پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي پيغام پيش ڪرڻ لاءِ يوم شهداء ايس ايس پي آفيس ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو.ان موقعي تي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان حسيب جاويد سومار ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڏرمون ٻاواڻي پوليس شهيدن جي يادگار تي حاضري ڀري، گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ شهيدن کي سلامي پيش ڪئي بعد ۾ قرآن خواني ڪئي وئي جڏهن تہ ايس ايس پي آفيس کان پريس ڪلب تائين شاندار ريلي پڻ ڪڍي وئي

سکر بئراج جي گيٽ نمبر 41 ۽ 52 مان ٻہ اڻڄاتل لاش هٿ

سکر(بيورو رپورٽ)ايڌي انفارميشن ڊيسڪ سکر موجب سکر بئراج جي گيٽ نمبر 41 ۽ 52 مان ٻہ اڻڄاتل لاش هٿ آيا آهن ايڌي رضاڪارن ۽ لاڳاپيل عملي هڪ لاش کي ڪڍي ايڌي ايمبولينس ذريعي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقہ اسپتال روهڙي منتقل ڪيو جڏهن تہ گيٽ نمبر 41 وٽان ٻئي لاش کي ڪڍڻ ڪافي ڪوشش بعد ڪڍي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال آندو ويو جتان لاشن کي لاوارث ڄاڻائي ٿئون ڳوٺ قبرستان ۾ دفنايو ويو آهي

ٽنڊو محمد خان جي ٽالپر ڪالوني ۾ ٽرانسفارمر نہ لڳائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو،سجاول روڊ تي ڌرڻو

ٽالپر ڪالوني جي سوين رهواسين بجلي جو ٽرانسفارمر نہ لڳائڻ خلاف سجاول روڊ تي ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڌرڻي سبب بلڙي شاهہ ڪريم، سجاول کان ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي،جنهن سبب مسافر سخت پريشان رهيا

هڪ هفتي کان ٽرانسفارمر سڙي ويو آهي جنهن جي ڪري علائقي ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ پيدا ٿي وئي آهي:شهري

ٽنڊو محمد خان(ن ع)ٽنڊو محمد خان جي ٽالپر ڪالوني جي رهواسين پاران بجلي جو ٽرانسفارمر نہ لڳائڻ خلاف علائقي جي سوين رهواسين وڏي انگ شرڪت ڪئي ڌرڻي سبب بلڙي شاهہ ڪريم ، سجاول کان ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي جنهن سبب مسافر سخت پريشان رهيا.احتجاجي ڌرڻي ۾ جيسڪو خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي رهواسين جو چوڻ آهي تہ گذريل هڪ هفتي کان ٽرانسفارمر سڙي ويو آهي جنهن جي ڪري علائقي ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ پيدا ٿي وئي آهي اسان جو مطالبو آهي تہ بجلي جو ٽرانسفارمر لڳائي بجلي بحال ڪئي وڃي

عمران خان ۽ ٻين سياسي قيدين جي آزادي لاءِ سکر ۾ احتجاجي مظاهرو

پي ٽي آءِ مائنارٽي ونگ ۽ ٻين ذيلي تنظيمن جي سڏ تي مظاهرو ڪيو ويو

اڳواڻ ۽ ڪارڪن اڃا تائين جيلن ۽ حراستي مرڪزن ۾ قيد آهن:گوهر ڪوسو

سکر(بيورو رپورٽ)پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) ضلعي سکر پي ٽي آءِ مائنارٽي ونگ ۽ ٻين ذيلي تنظيمن جي سڏ تي باني پي ٽي آءِ عمران خان ۽ ٻين سياسي قيدين جي آزادي لاءِ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي پي ٽي آءِ سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ۽ ضلعي صدر گوهر خان ڪوسو ڪئي جڏهن تہ شرڪت ڪندڙن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي عمران خان ۽ ٻين سياسي قيدين جي آزادي جا نعرا هنيا. اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ 5 آگسٽ تي عمران خان جي گرفتاري کي ٻي سال مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترائي سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن اڃا تائين جيلن ۽ حراستي مرڪزن ۾ قيد آهن هنن حڪومت تي الزام لڳائيندي چيو تہ گذريل ٽن سالن دوران معيشت، عوامي مسئلن ۽ حڪمراني جي معاملن ۾ ناڪامي نظر آئي آهي اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ عوامي مينڊيٽ جو احترام ڪندي عمران خان ۽ ٻين سياسي قيدين کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي هنن چيو تہ پي ٽي آءِ پنهنجي قائد جي آزادي لاءِ پرامن ۽ آئيني جدوجهد جاري رکندي

ميرپورخاص ۾ ڪاهي شاخ،جمع،سعيدڪي،ابڙا شاخن جي آبادگارن ۽ علائقي واسين جو ڪٽ،وارابندي رد

آبادگار اڳواڻ پير غلام رسول عرف بابو شاهہ جي رهائش گاهہ تي آبادگارن ۽ علائقي واسين جو ڪٽ، وارابندي اسڪيم کي رد ڪيو ويو

نارا ڪئنال ۾ 14 هزار ڪيوسڪ پاڻي هجڻ باوجود شاخن تي 15 ڏينهن جي وارا بندي هجڻ باوجود پڇڙين ۾ پاڻي نٿو پهچي:اڳواڻ

برساتون پوڻ باوجود چاڪايل شاخن تي وارا بندي برقرار هجڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي،شاخن جي منڍ ۾ سرعام پائپن ذريعي پاڻي چوري ٿي رهيو آهي

پائپ لائين اسڪيم تي هتان جي عوام مطمئن نہ آهي،هڪ پائپ لائن مان ٻاهرين جون زمينون آباد ٿينديون،ڪيٽن ڪاڻ خاطر هي منصوبو جوڙيو ويو آهي


ميرپورخاص ميرپورخاص ۾ ڪاهي شاخ،جمع،سعيدڪي،ابڙا شاخن جا آبادگار پريس ڪانفرنس ڪندي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ)ڪيرو ڪئنال مان نڪرندڙ ڪاهي شاخ، جمع ، سعيدڪي ابڙا شاخ تي 15 ڏينهن جي وارابندي ۽ سلواڻو ڪئنال مان پائپ لائين جي اسڪيم منظور ٿيڻ خلاف آبادگار اڳواڻ پير غلام رسول عرف بابو شاهہ جي رهائش گاهہ تي آبادگارن ۽ علائقي واسين جو ڪٽ،اسڪيم ... ڪي رد ڪري چاڪايل شاخن جي پڇڙين ۾ پاڻي پهچائڻ جو مطالبو ڪيو. اڳواڻن چيو تہ برساتون پوڻ باوجود چاڪايل شاخن تي وارا بندي برقرار هجڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي، شاخن جي منڍ ۾ سرعام پائپن ذريعي پاڻي چوري ٿي رهيو آهي جڏهن تہ پڇڙين ۾ پيئڻ جو پاڻي اڃا تائين نہ پهچي سگهيو آهي...

ٽنڊوالهيار ۾ پبلڪ سروس ڪميشن ٻاهران احتجاج ڪندڙ شاگردن سان اظهار يڪجهتي لاءِ احتجاجي مظاهرو

شاگردن سان اظهار يڪجهتي لاءِ اسٽوڊنٽ موومينٽ ۽ سول سائيٽي طرفان پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شاگرد 14 ڏينهن کان احتجاج تي ويٺل آهن،پر حڪومت جي ڪن تي جونهن بہ نٿي سري،شاگردن جي جدوجهد ۾ اسان گڏ بيٺل آهيون:ڪشش خواجہ

ناانصافي جي ڪري نوجوان نسل خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهي،پر سنڌ حڪومت انهي جي حل لاءِ ڪي بہ جوڳا اپاءَ ناهي وٺي رهي آهي

ٽنڊوالهيار(ن ع) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ٻاهران احتجاج تي ويٺل شاگردن سان اظهار يڪجهتي لاءِ اسٽوڊنٽ موومينٽ ۽ سول سائيٽي طرفان ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڪشش خواجہ . ذوالقرنين جروار . آفاق بوزدار. مدثر لنڊ . ارشاد خاصخيلي . هادي درس ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ شاگردن 14 ڏينهن کان احتجاج تي ويٺل آهن پر حڪومت جي ڪن تي جونهن بہ نٿي سري شاگردن جي جدوجهد ۾ اسان انهن سان گڏ بيٺل آهيون هنن چيو تہ سنڌ ۾ ميرٽ جي لتاڙ ڪئي پئي وڃي حقدارن کي پنهنجو حق نٿو ملي هتي نوڪريون صرف وڏيرن جي پٽن لاءِ آهن غريب جي ٻار جي ڪا بہ حيثيت ناهي هنن وڌيڪ چيو تہ سنڌ ۾ شاگردن سان ناانصافي جي ڪري نوجوان نسل خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن پر سنڌ حڪومت انهي جي حل لاءِ ڪي بہ جوڳا اپاءَ ناهي وٺي رهي اسان شاگردن سان ڪنهن بہ صورت ۾ ناانصافي ٿيڻ نہ ڏينداسين هنن وزيراعلي سنڌ سميت اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ شاگردن جا جائز مطالبا منظور ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو


سکر: پي ٽي آءِ باني جي رهائي جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

تعلقہ اسپتال ڪوٽ غلام محمد کي بهتر بڻائڻ جي اسڪيم منظور

ريناويشن پروجيڪٽ جي ڊائريڪٽر اسپتال جو دورو ڪري جائزو ورتو

اسپتال جي عمارت جو ليول وڌايو ويندو،نئين ڇت تعمير ڪئي ويندي

ڪوٽ غلام محمد (ن ع)تعلقہ اسپتال ڪوٽ غلام محمد جي هلندڙ مرمتي منصوبي کي وڌيڪ بهتر بڻائيندي جديد سهولتون شامل ڪرڻ واري اسڪيم جي منظوري ڏني وئي آهي ان سلسلي ۾ ريناويشن پروجيڪٽ جي ڊائريڪٽر اسپتال جو دورو ڪري جاري ڪم ۽ تجويز ڪيل اپگريڊيشن جو تفصيلي جائزو ورتو اسسٽنٽ ڪمشنر ريحان ڊيٿو ۽ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين علي حسن قائمخاني ... جي مرمتي ڪم جي دوري دوران اسڪيم جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جنهن بعد جلد اپگريڊ ٿيل مرمتي ڪم شروع ٿيڻ جو امڪان آهي منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان تعلقہ ڪوٽ غلام محمد ۽ ڀرپاسي جي علائقن جي هزارين مريضن کي وڌيڪ بهتر محفوظ ۽ معياري طبي سهولتون فراهم ٿي سگهنديون.ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ريحان ڊيٿو ۽ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين علي حسن قائمخاني چيو تہ ...


ڪوٽ غلام محمد ريناويشن پروجيڪٽ جي ڊائريڪٽر اسپتال جي دوري دوران وڙتل فوٽو

سڄنا بي بي جا مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن،جيئڻ جو حق ڏنو وڃي:احمد علي ابڙو

ٽنڊوالهيار(ن ع) ٽنڊوالهيار ۾ ڪيرو جي ڳوٺ مراڙي جو رهواسي احمد علي ابڙو جامشوري جي ڳوٺ ياسين جوکيو جي رهواسڻ سڄنا بي بي جوکيو سان شادي ڪرڻ بعد انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي ويو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڏانهيندي چيو تہ اسان 11 مهينا اڳ ميرپورخاص ۾ نڪاح ڪيو هو جنهن بعد سڄنا بي بي جا مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن ... منهنجا مائٽ منهنجي مڙس کي تنگ ڪري رهيا آهن هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي سانگھڙ . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گھر ڪئي تہ اسان کي تحفظ ڏئي پنهنجي زندگي پاڻ جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جو تنظيمي اجلاس

ضلعي جي مختلف علائقن مان ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

خدمت تي يقين رکندڙ ٿوايندڙ حڪومت فنڪشنل ليگ جي هوندي:احمد جان سرهندي

ٽنڊو محمد خان(ن ع)ٽنڊو محمد خان ۾ پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) جي چيف آرگنائيزر پير احمد سعيد جان سرهندي جي اڳواڻي ۾ تنظيمي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي ٽنڊو محمد خان جي مختلف علائقن مان ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ... جي عوام کي بک بدحالي طرف ڌڪيو پيو وڃي ۽ سنڌ جو نوجوان بي روزگار خود ڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن ... چيو تہ اسان پارٽي جو پيغام هر گھر تائين پهچائينداسين ۽ عوام جي خدمت کي پنهنجي پهرين ترجيح بڻائينداسين. ان موقعي تي گدجاڻي کي پير عادل شاهہ راشدي، پير عاصم جان سرهندي، پير جمال جان سرهندي، الطاف جگسي ايڊووڪيٽ رافع ميمڻ ايڊووڪيٽ احمد ميمڻ محمد ايوب لاشاري، مير منظور ٽالپر ۽ ٻين خطاب ڪيو.اجلاس ۾ تعلقہ ٽنڊو محمد خان سٽي ٽنڊو محمد خان تعلقہ ٽنڊو غلام حيدر ٽائون ٽنڊو غلام حيدر ۽ تعلقہ بلڙي شاهہ ڪريم جي عهديدارن جي چونڊ پڻ ڪئي وئي


ٽنڊو محمد خان ۾ پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) جي چيف آرگنائيزر پير احمد سعيد سرهندي تنظيمي اجلاس کي خطاب ڪندي

پ پ طرفان پي ايس 30 تي ضمني چونڊ جو راڻيپور ۾ جلسو

راڻيپور(ن ع)پ پ پ طرفان پي ايس 30 جي ضمني چونڊ جي حوالي سان راڻيپور ۾ پروقار جلسي جو پروگرام رٿيو ويو جنهن ۾ ضلعي خيرپور ۽ تعلقي گمبٽ جي قيادت شرڪت ڪئي،جنهن ۾ پي ايس 30 جي اميدوار بئريسٽر اسفنديار خان ڪرل سميت حاجي نواب خان وسان،خواجہ عبدالحق فاروقي،سيد بچل شاهہ اعجاز احمد کهڙو،شفقت حسين شاهہ ۽ ٻيا ...

صوفي بزرگ حضرت حافظ ميان محمد دائود احمد ڪوڪر جو ساليانو عرس مبارڪ جاري

دولتپور صفن(ن ع)سنڌ جي روحاني صوفي بزرگ حضرت حافظ ميان محمد دائود احمد ڪوڪر رحمت الله عليه جو ساليانو عرس مبارڪ ٽي ڏينهن بہ جاري رهيو پهرين ڏينهن درود پاڪ جي محفل منعقد ڪئي وئي درگاهہ شريف جي گادي نشين فقير پيار علي ڪوڪر سيد جلال شاهہ ۽ درگاهہ شريف جي مريدن خادمن عقيدت مندن سان گڏ جي درگاهہ سيد حاجي آمين شاهہ ۽ ميان سائين جي مزار شريف تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي ۽قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ ملڪ جي امن ترقي ۽ سلامتي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون جڏهن تہ ٽئين ڏينهن عام خيرات جو بندوبست ڪيو ويو آهي عرس مبارڪ جي حوالي سان درگاهہ شريف جي خدمت گار فقير پيار علي ڪوڪر ٻڌايو تہ اسان هن بزرگ جي صدين کان خدمت ڪندا اچون پيا سائين حافظ ميان محمد دائود احمد ڪوڪر رحمت الله عليه جو نيڪ ٻانهو هو حافظ قاري محمد حنيف ابڙو نالي واري نعت خوان فقير حاجي يار محمد ابڙو فقير غلام سرور جوکيو ۽ ٻين چيو تہ سائين حافظ ميان محمد دائود احمد ڪوڪر رحمت الله عليه وقت جو عالم ۽ شريعت جو پابند هو قرآن پاڪ جو قاري هو سائين جي ياد ۾ هرسال 21 صفر کان سندس عرس مبارڪ نهايت احترام ادب سان ملهايو ويندو آهي

ڪنڌرا لنڪ روڊ پرسان پوليس ۽ مبينا ڌوهارين وچ ۾ مقابلو

مبينہ ڌوهاري ڪامران لاڙڪ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ڌوهاري وٽان ٽي ٽي پسٽل، ميگزين ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون:پوليس


سکر پوليس مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

سکر(بيورو رپورٽ)سکر پوليس جي ترجمان موجب ٿاڻي پٽني جي حد، ڪنڌرا لنڪ روڊ پرسان پوليس ۽ مبينا ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران هڪ مبينا ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن تہ سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس موجب جوابدار وارادات جي ارادي سان موجود هئا ۽ پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪئي تعاقب دوران مبينا ڌوهاري ڪامران لاڙڪ زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو جنهن وٽان ٽي ٽي پسٽل، ميگزين ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون پوليس موجب گرفتار ٿيل جوابدار اسٽريٽ ڪرائمز، ڦرلٽ ۽ ٻين ڏوهن ۾ پوليس کي گهربل هو زخمي جوابدار کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن تہ فرار ٿيل ساٿي جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي ايس ايس پي سکر اظهر خان

پوليس ٽيم کي شاباش ڏيندي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي

سکر ميونسپل جي رٽائرڊ ملازمن ۾ گريجوئيٽي ۽ انڪيشمينٽ جا چيڪ ورهايا ويا

سينيئر ايڊوائيزر عابد علي انصاري چيڪ رٽائرڊ ملازمن ۽ سندن وارثن حوالي ڪيا

رٽائرڊ ملازمن جا جائز مالي حق بروقت ادا ڪرڻ کي يقيني بڻايو پيو وڃي:ميونسپل ڪمشنر

سکر(بيورو رپورٽ)سکر ميونسپل ڪارپوريشن طرفان رٽائرڊ ملازمن ۽ سندن وارثن ۾ گريجوئيٽي ۽ انڪيشمينٽ جا چيڪ ورهايا ويا.ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر خالد حسين جتوئي ، يوسي چيئرمين احسان لاشاري ۽ ميئر سکر جي سينيئر ايڊوائيزر عابد علي انصاري رٽائرڊ ملازمن ۽ سندن وارثن حوالي چيڪ ڏنا. چيڪ فياض احمد ميمڻ مسمات مبينہ (مرحوم عبد الحميد برڙو جي گهرواري) نسيم الدين خان ميانداد سومرو نعيم الدين شهزادي سرفراز احمد ۽ اشفاق احمد کي سندن رٽائرمينٽ جي واجبات جي مد ۾ ڏنا ويا ميونسپل ڪمشنر خالد حسين جتوئي چيو تہ سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ ميئر سکر بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ جي پاليسي موجب رٽائرڊ ملازمن جا جائز مالي حق بروقت ادا ڪرڻ کي يقيني بڻايو پيو وڃي هن چيو ۽ ٻين رهيل واجبات جي ادائيگي جو عمل پڻ ترجيحي بنيادن تي جاري رکندو يوسي چيئرمين احسان لاشاري ۽ سينيئر ايڊوائيزر عابد علي انصاري پڻ چيو تہ رٽائرڊ ملازم اداري جو قيمتي سرمايو آهن ۽ سندن جائز حقن جي بروقت ادائيگي ساراهہ جوڳو قدم آهي رٽائرڊ ملازمن ۽ سندن وارثن انتظاميا جا ٿورا مڃيا


سکر ميونسپل ڪمشنر خالد حسين جتوئي رٽائر ملازمن ۾ چيڪ ورهائيندي

سکر ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتي لاءِ احتجاجي مظاهرو

سني سلامتي پاڪستان جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪشميري عوام تي ٿيندڙ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو نوٽيس ورتو وڃي:اڳواڻ

سکر(بيورو رپورٽ)سني سلامتي پاڪستان ضلعي سکر جي سڏ تي 5 آگسٽ (يوم استحصال ڪشمير) جي موقعي تي ڪشميري عوام سان يڪجهتي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي حافظ محمد زمان رباني ڪئي جڏهن تہ مولانا ثناالله عثماني، مولانا محمد هاشم الحسيني، مولانا معشوق علي حيدري، مولانا غلام الله خان حيدري، مولانا نادر حسين فاروقي ۽ ٻين عالمن پڻ شرڪت ڪئي مقررين چيو تہ 5 آگسٽ ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم ۽ زيادتين جي سخت مذمت ڪريون ٿا هنن گڏيل قومن ۽ عالمي برادري کان مطالبو ڪيو تہ ڪشميري عوام تي ٿيندڙ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو نوٽيس ورتو وڃي اڳواڻن چيو تہ پاڪستاني قوم ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ سندن حق خودارادريت جي حمايت جاري رکندي



سکر سني سلامتي پاڪستان پاران يوم استحصال جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ جشنِ آزادي جي تقريبن جي باقاعده شروعات

علم،تحقيق ۽ جدت کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت آهي: وائس چانسلر

مستقبل ۾ ملڪ جون واڳون اڄ جي نوجوانن کي سنڀالڻي آهي:پروفيسر الطاف سيال


ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي جو وي سي ڊاڪٽر الطاف علي سيال قومي پرچم ڪشائي ڪري رهيو آهي

ٽنڊوڄام (پ ر)سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ جشن آزادي 2026 ع جي تقريبن جي باقاعدہ شروعات قومي جهنڊي لهرائڻ سان ڪئي وئي جنهن کان پوءِ يونيورسٽي جي سينيٽ هال ۾ "معرڪہ حق کان تعمير پاڪستان تائين: قومي ترقي ۾ زرعي يونيورسٽين جو ڪردار" جي عنوان هيٺ افتتاحي سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار جي صدارت وائس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ڪئي جڏهن تہ استادن آفيسرن ملازمن ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي وائس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو تہ ڪنهن بہ ملڪ جي ترقي دفاع ۽ معاشي استحڪام جو دارومدار جديد ٽيڪنالاجي معياري تعليم ۽ باصلاحيت نوجوانن تي هوندو آهي هن چيو تہ مستقبل ۾ ملڪ جون واڳون اڄ جي نوجوانن کي سنڀالڻي آهي، تنهنڪري انهن کي علم، تحقيق، جدت ۽ عملي مهارتن سان آراستہ ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ... بعد ۾ يونيورسٽي جي سلسلي ۾ يونيورسٽي ۾ سڄي مهيني دوران تعليمي، تحقيقي، سماجي، ثقافتي ماحولياتي ۽ راندين جون مختلف سرگرميون منعقد ڪيون وينديون جن جو مقصد شاگردن ۾ وطن دوستي، قومي يڪجهتي سماجي ذميواري ۽ مثبت قومي شعور کي هٿي ڏيڻ آهي

گهوٽڪي ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي تيارين بابت اهم اجلاس

اجلاس ۾ مرڪزي جلوس جي تيارين ۽ انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

12ربيع الاول جي موقعي تي شهر کي خوبصورت لائٽنگ سان سينگاريو وڃي:ضمير شاهہ

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي 12 ربيع الاول جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جي آمد جي حوالي سان الحسيني منزل اسلامڪ سينٽر گهوٽڪي ۾ سيد ضمير حسين شاهہ جيلاني جي صدارت هيٺ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ مرڪزي جلوس جي تيارين ۽ انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ سيد عاشق رسول شاهہ جيلاني، سيد زاهد حسين شاهہ بخاري، سيد عبدالرحيم شاهہ جيلاني، مولانا مفتي جميل احمد رضوي، فقير عبدالرشيد نوناري حسيني، مولانا محمد احمد چشتي مولانا محمد طاهر سعيدي، مولانا سائين بخش ساوند، عبدالستار سعيدي، مولانا محمد آصف پٽي اسعاد عبدالحليم خان سعيدي، حافظ عبدالستار نوناري، محمد پهنل سڪندري، راڻا شرڪت علي حسيني، رئيس نبي بخش چاچڙ، جهانزيب سومرو، مولانا مظهر سعيد رضوي، راؤ محمد نويد، عبدالرحمان نوناري سميت ميلاد ڪميٽي جي ميمبرن، تنظيمات اهل سنت جي نمائندن ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي،ان موقعي تي مقررن ضلعي انتظاميا، ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي، چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ۽ لاڳاپيل سرڪاري ادارن جي عملدارن کان مطالبو ڪيو تہ 12 ربيع الاول جي موقعي تي شهر کي خوبصورت لائٽنگ سان سينگاريو وڃي، صفائي ستٿرائي جا بهتر انتظار ڪيا وڃن ۽ مرڪزي جلوس دوران پيئڻ جي پاڻي جي سبيل، فول پروف سيڪيورٽي ۽ ٻين ضروري سهولتن کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن عاشقان رسول صلي الله عليہ وسلم کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف پيش نہ اچي

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن پاران باثرن جي ڌاڌائين خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوالهيار(ن ع) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ غلام حسين لنڊ جي رهواسين پاران باثرن جي ڌاڌائين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ڳوٺ غلام حسين لنڊ جي رهواسي اسد علي لنڊ ٻڌايو تہ گذريل ڏينهن اسان جي ڳوٺ جي رهواسي ميهار سندس ڌر ڪانڌر اسان تي ڪوڙا الزام هڻي اسان جي ساک کي نقصان پهچايو آهي سندن الزامن ۾ ڪا بہ صداقت ناهي سون خلاف ڪوڙا الزام هڻي پريشان ڪيو پيو وڃي هن چيو تہ منهنجي پلاٽ تي مولوي شمس قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جنهن جو ڪيس بہ ڪورٽ سگهوري ۾ هلندڙ آهي انهي ساٿين جي چوڻ تي سون خلاف احتجاج اوريلا ڪئي پئي وڃي مذڪوره ساٿين منهنجي گھر اچي ڌمڪيون پڻ ڏئي ويو آهي جيڪو ڳوٺ جو خونريزي ڪرائڻ چاهي ٿو هن وڌيڪ چيو تہ مولوي شمس ڌوهاري قسم جو ساٿي آهي جنهن معان پيارولند ٿاڻي تي سنگين قسم جا ڪيس پڻ داخل آهي مٿس 3 سال حڪومتي پابندي ۾ رهي آهي پابندي ختم ٿيڻ بعد وري ساڳيان ڪارناما سرانجام ڏئي رهيو آهي هن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي تہ ماضي جي شفاف انڪوائري ...

گڏيجي جي پرسان قومي شاهراهہ تان موٽر سائيڪل روڪ رقم ڦر

هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ٻہ مينهون هڪ وڇ چوري ڪري ويا

گڏيجي(ن ع)گڏيجي جي پرسان قومي شاهراهہ تان نامعلوم هٿيارٻندن هٿيارن جي زور نوجوان وڪيل عبدالوحيد سهتو کان موٽر سائيڪل روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا ٻئي طرف ڳوٺ پليڊنو سهتو ۾ نامعلوم چور عبدالستار سهتو جي مينهن جي واڙي مان ٻہ ٻلوڙ مينهون هڪ وڇ چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن تہ ڪنهن بہ واقعي جو ڪوبہ ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو هيو علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ بدامني عروج تي پهتل آهي پوليس امن امان قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي هنن بدامنيءَ تي ضابطو آڻڻ جي گهر ڪئي آهي

بلڙي شاهہ ڪريم ۾ مهربان رند قتل ڪيس ۾ انصاف نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب سامهون خميسو رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

قتل ۾ برادري ۽ ڳوٺ جا باثر ماٿو الهورايو الهجايو ۽ هڪ عورت ملوث آهن:خميسو رند

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)بلڙي شاهہ ڪريم پرپلاٽ جي تڪرار تان مبينا قتل ٿيل نوجوان مهربان رند جي وارثن قتل ڪيس ۾ انصاف نہ ملڻ خلاف ڪالهہ 4 ڏينهن بہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون خميسو رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن الزام هنيو تہ 2 مهينا اڳ پلاٽ جي تڪرار تان جوابدارن برادري ۽ ڳوٺ جا باثر ماٿو الهورايو الهجايو ۽ هڪ عورت ملوث آهن هنن چيو تہ واقعي جي شڪايت حد جي ٿاڻي تي ڪئي پر پوليس جوابدارن جي ونگار وٺندي ڪا بہ گرفتاري عمل ۾ نہ آندي ويئر اسان خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هنن آئي جي ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کي اپيل ...

باثر زمين تي قبضو ڪرڻ بعد ڪيس ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن،مڪان ڪار

مونتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن،زمين تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي


ميرپورخاص بيرسن عورت باثر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

مڪان ڌل محمود ڪلر پنهنجي نالي شفيع ڪلر سان گڏ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي ڪيو بيواهہ عورت وڌيڪ چيو تہ 5 ايڪڙ زمين جيڪا مڙس جي آهي جنهن تي علائقي جي باثر خالد ميمڻ ۽ ٻين زوري قبضو ڪري ورتو آهي جڏهن تہ باثرن پاران روينيو عملدار سليم ٻجارو ، پيرڏان ڪلر سان ملي ڀڳت ڪري زمين جا ڪاتا بدل ڪرڻ سميت روينيو ڪاتي ۾ اسان جي زمين جو رڪارڊ گم ڪيو ويو آهي جڏهن تہ آئون هڪ بيرسن بيواهہ عورت آهيان اهڙي شڪايت حد جي پوليس کي ڏيڻ باوجود پوليس باثرن سان مليل هجڻ سبب اسان جي ڪير بہ داد فرياد ٻڌڻ لا تيار ناهي جڏهن تہ مختلف طريقن سان حراسان ڪرڻ سميت موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن جاڳايل ماڻهن مان زندگين کي خطرو آهي بيرسن عورت واسطيدار اختيارين کان ۾ زور مطالبو ڪندي چيو تہ معاملي جي نوٽيس وٺي زمين تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) علائقي جي باثرن پاران زمين تي قبضو ڪرڻ بعد ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سميت موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن زمين تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي اهڙو اظهار ڊيلو واسڻ بيرسن بيواهہ عورت ...

بلديہ حيدرآباد جي برطرف ٿيل ملازمن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو

متحده ليبر يونين پاران غير قانوني برطرفي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)متحده ليبر يونين حيدرآباد پاران بلديہ اعلي حيدرآباد جي برطرف ٿيل 207 ملازمن جي بحالي لاءِ ٿيندڙ غير قانوني برطرفين خلاف ڪالهہ ريلي ڪڍي حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان دوران محمد ڪامران ... سان 207 ملازمن کي نوڪري مان فارغ ڪيو هو جن کي 7مهينا اڳ عدالت سڳوري بحال ڪيو پر انهن کي بحال نہ ڪيو وڃي ٿو ۽ وري معان غير قانوني طور تي نيون ڀرتيون ڪيون پيون وڃن هنن چيو تہ ايچ ايم سي ۾ وڏيرا شاهي جو راڄ آهي ... ملازمن کي بحال ڪيو وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڙهو ڪاٽو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 07 آگسٽ 2026ع

ايران- امريڪا تڪرار ڪٿي ڇيھ ڪندو؟

دنيا هن وقت هڪ اهڙي نازڪ موڙ تي بيٺل نظر اچي ٿي جتي علائقائي جنگ ڪنهن به وقت وڏي عالمي بحران ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ، آبنائي هرمز جي بندش جو خطرو، وچ اوڀر ۾ وڌندڙ فوجي سرگرميون ۽ هڪٻئي کي ڏنل سخت ڌمڪيون رڳو ٻن ملڪن جي وچ ۾ تڪرار ناهن رهيا، پر انهن جا اثر سڄي دنيا جي امن عالمي معيشت ۽ توانائي جي فراهميءَ تي پئجي رهيا آهن سڀ کان وڏو سوال اهو آهي ته ڇا هيءَ صورتحال اڳتي هلي ائٽمي جنگ جو سبب بڻجي سگهي ٿي؟ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين جون خبرون يقيناً اميد پيدا ڪن ٿيون پر ساڳئي وقت جنگي ڌمڪين جو سلسلو انتهائي ڳڻتي جوڳو آهي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان آبنائي هرمز جلد کولڻ جو مطالبو ۽ انڪار جي صورت ۾ ايران کي سخت حملن جي ڌمڪي جڏهن ته ايران طرفان ڪنهن نئين آمريڪي حملي جي صورت ۾ علائقي جي توانائي جي بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻائڻ جو چتاءُ صورتحال جي سنگينيءَ کي ظاهر ڪري ٿو اهڙي ماحول ۾ هڪ ننڍڙي غلطي به وڏي تباهيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿي ايران ۽ عمان وچ ۾ آبنائي هرمز بابت نئين انتظام تي اتفاق جون خبرون اميد جو هڪ ڪرڻو ضرور آهن جيڪڏهن ٻنهي ملڪن وچ ۾ آمدرفت جا رستا کولڻ ۽ سامونڊي ٽريفڪ بحال ڪرڻ بابت سمجهوتو ٿي وڃي ٿو ته اهو خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ اهم قدم ثابت ٿي سگهي ٿو پر اصل مسئلو آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ بي اعتماديءَ جو آهي ايران جو موقف آهي ته هو ڌمڪين ۽ فوجي دٻاءُ هيٺ ڪنهن معاهدي تي صحيح نه ڪندو، جڏهن ته آمريڪا واضح ڪري چڪو آهي ته هو ايران کي ائٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندو. آمريڪي نائب صدر طرفان فوجي معاشي ۽ سفارتي سمورا وسيلا استعمال ڪرڻ جي ڳالهه ظاهر ڪري ٿي ته واشنگٽن ايران جي ائٽمي پروگرام کي پنهنجي سلامتيءَ جو اهم مسئلو سمجهي ٿو هتي ئي خطرو وڏي ٿي وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته جڏهن ٻنهي ڌرين جا بنيادي موقف هڪ ٻئي جي ابتڙ هجن ۽ ڳالهين سان گڏ فوجي دٻاءُ به جاري هجي ته جنگ جو امڪان ختم نٿو ٿئي ايران به خاموش ويهڻ لاءِ تيار نظر نٿو اچي حوثي جنگجوئن طرفان بحيره احمر ۽ خليج عدن ۾ سعودي عرب جي تيل بردار جهازن کي ميزائلن سان نشانو بڻائڻ جون خبرون ٻڌائن ٿيون ته تڪرار هاڻي رڳو ايران ۽ آمريڪا تائين محدود نه رهيو آهي جيڪڏهن اهڙا حملا وڌن ٿا ته سعودي عرب، خليجي ملڪ ۽ ٻيون ڌريون به وڌيڪ سڌي طرح جنگ ۾ ڇڪجي سگهن ٿيون نتيجي ۾ وچ اوڀر جو هڪ وڏو حصو جنگ جي لپيٽ ۾ اچي سگهي ٿو سڀ کان وڌيڪ پريشان ڪندڙ پاسو ائٽمي هٿيارن جو آهي ايران بار بار اهو موقف اختيار ڪندو رهيو آهي ته سندس ائٽمي پروگرام پرامن مقصدن لاءِ آهي جڏهن ته آمريڪا ۽ ان جا اتحادي ايران کي ائٽمي هٿيار ٺاهڻ کان روڪڻ کي پنهنجي اهم ترين ترجيح قرار ڏين ٿا جيڪڏهن سفارتڪاري ناڪام ٿي ۽ فوجي ڪارروائي ائٽمي تنصيبات تائين پهچي وئي ته صورتحال انتهائي خطرناڪ رخ اختيار ڪري سگهي ٿي ڪنهن به ملڪ تي اهڙي حملي ڪابهءِ ردعمل جوابي ڪارروائي ۽ وڌيڪ فوجي واڌ جو سلسلو شروع ٿي سگهي ٿو

اڄ دنيا کي وڌيڪ ميزائلن جنگي جهازن ۽ ڌمڪين جي نه پر ڳالهين اعتماد ۽ سمجهوتي جي ضرورت آهي آبنائي هرمز جي حفاظت، توانائي جي فراهمي ۽ ايران جي ائٽمي پروگرام بابت اختلافن جو حل ميز تي ويهي ڳولڻ ئي دانشمندي آهي جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران جنگ بدران ڳالهين کي ترجيح ڏين عمان جهڙا ملڪ ثالثي جو ڪردار ادا ڪن ۽ عالمي برادري سنجيدگيءَ سان سفارتي ڪوششون تيز ڪري ته وڏي تباهيءَ کي روڪي سگهجي ٿو سوال اهو ناهي ته جنگ ڪير کٽيندو: اصل سوال اهو آهي ته جيڪڏهن جنگ وڌي وئي ته انسانيت ڇا وڃائيندي؟ اڄا به وقت هٿن مان نڪري ناهي ويو دنيا کي ائٽمي جنگ جي دروازي تائين پهچڻ کان اڳ ئي واپسيءَ جو رستو اختيار ڪرڻو پوندو ڇو ته ائٽمي جنگ شروع ڪرڻ آسان ٿي سگهي ٿي پر ان جا نتيجا ڪنهن جي وس ۾ نه هوندا

لطيفي لات —— شاھ عبداللطيف ڀٽائي

ڇيهو ڇڪيءَ ڪنڌين، ڪٿائين ڳڙنگ تي ڳل،
هڏاڪتان هليو پري ترايون تل،
آنڌي آب اڇل، مڱي باغ بهار ڪري.

لطيف سائين هن بيت ۾ اسان کي سنڌس ٿي علائقي ڀٽ شاهه ۽ ان جي پسگردائيءَ وارن ماڳن جو سير ڪرائي ٿو ته ساوڻيءَ جي مند ۾ جڏهن مينهن پون ٿا ته پوءِ هتي جي صورتحال به ڏاڍي مزيدار ۽ روح پرور ٿي پوي ٿي جيهو ڳاهه ڇڪي ڍنڍ جي پاسن ۽ ڪنڌين تي ڪانهه جي پراڻن ٿبن مان ڦٽي نڪري ٿو (ياد رهي ته ڪانهه ٻن قسمن جا ٿيندا آهن هڪ سريا ٻوڙي وانگر ٿئي ۽ انجا سنگ جهليندا آهن ٻيو ڪانهه بغير ڪانن جي ٿيندو آهي ۽ مال کي کارائبو آهي جنهن سان مينهن جو کير گهاٽو ۽ مٺو ٿيندو آهي) ۽ اوسي پاسي وارن ماڳن ڳڙنگ، باغ تي گلڪاريءَ سان رونق اچي وئي آهي هڏاڪتان جي وسنديءَ کي آباد ڪري، پرياسي جون ترايون ۽ تَل (هيٺاهين وارين زمينون) پري ڇليا، جن ۾ گڏ ٿيل پاڻيءَ مان زمينون آباد ٿينديون خوشحالي ٿي ويندي بڪ، ڏڪ، ڏولاوا لهي ويندا. برسات جي پوڻ ڪري هر طرف نيٽن نار رونق جو سمان آهي هر پاسي بهار يعني وٺندڙ ۽ لطف ڏيندڙ موسم آهي (تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

سنڌ ۾ شهري ٻوڏ: ترقيءَ جي دعوائن کان حقيقتن تائين!


محمد اسلم سميجو

سنڌ ۾ جڏهن به مون سون جون برساتون وسن ٿيون ته عوام جي دلين ۾ خوشيءَ سان گڏ هڪ انجاتل خوف به جنم وٺي ٿو برسات جي هر ڦڙي سان اهو خدشو وڌي وڃي ٿو ته متان وري شهر پاڻي هيٺ نه اچي وڃن برسات جيڪا قدرت جو حَسين تحفو آهي اها اسان جي ناقص شهري منصوبابندي ۽ انتظامي ڪمزورين سبب ڪيترن ئي شهرن لاءِ مصيبت بڻجي وڃي ٿي


گذريل ڪيترن ئي سالن کان ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ ساڳيو منظر ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي ٿوري ئي وقت جي برسات ڪانپوءِ روڊ دريائن جو ڏيک ڏين ٿا، گهٽيون تلائن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون گهرن ۽ دڪانن ۾ پاڻي داخل ٿي وڃي ٿو بجليءَ جا ٿنڀا خطرو بڻجي وڃن ٿا، اسپتالن تائين پهچڻ مشڪل ٿي وڃي ٿو ۽ هزارين ماڻهو ڪلاڪن ڪڏهن ڏينهن تائين سخت پريشانيءَ کي منهن ڏين ٿا اهڙي صورتحال ۾ اهو سوال بار بار اڀري ٿو ته آخر هر سال ساڳيون غلطيون ڇو ٿيون ورجائجن؟

شهري ٻوڏ جا بنيادي سبب: ماهرن موجب شهري ٻوڏ جو وڏو سبب صرف تيز برساتون نه آهن بلڪ انسان جون پنهنجون پيدا ڪيل حالتون به برابر ذميوار آهن شهرن جي آبادي تيزيءَ سان وڌي رهي آهي پر نيڪال آب جو نظام ڪيترن ئي هنڌن تي ڏهاڪن کان پراڻو آهي قدرتي نالن ۽ برساتي پاڻي جي گذرگاهن تي رهائشي ۽ تجارتي اڏاوتون قائم ٿيڻ سبب پاڻي جو قدرتي وهڪرو متاثر ٿيو آهي ٻئي طرف، پلاسٽڪ جي ٿيلهين بوتلن تعميراتي ملبي ۽ گهرو ڪچري نالن کي بند ڪري ڇڏيو آهي ڪيترن ئي علائقن ۾ برسات شروع ٿيڻ سان گڏ نالا اٿلجي پون ٿا، جو ته انهن جي وقت سر صفائي ۽ گاد ڪيڻ جو مناسب انتظام نٿو ڪيو وڃي **موسمياتي تبديلي جو وڌندڙ خطرو:** دنيا ۾ موسمياتي تبديليءَ جا اثر ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن ۽ پاڪستان انهن ملڪن ۾ شامل آهي جيڪي ان جا شديد اثر ڀوڳي رهيا آهن گرمي پد ۾ واڌ سبب مختصر وقت ۾ انتهائي تيز برساتون پوڻ معمول بڻجي رهيون آهن 2022ع واري تباهه ڪندڙ ٻوڏ ان ڳالهه جو واضح ثبوت هئي ته جيڪڏهن شهرن کي موسمياتي تبديلي جي مطابق تيار نه ڪيو ويو ته مستقبل ۾ نقصان وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿو

اقتصادي ۽ سماجي اثر: شهري ٻوڏ جو اثر صرف پاڻي بيهڻ تائين محدود ناهي ڪاروباري مرڪز بند ٿي وڃن ٿا، روزانو ڪمائي ڪندڙ مزدور بيروزگار ٿي وڃن ٿا، اسڪول ۽ ڪاليج بند ٿي وڃن ٿا، اسپتالن تائين پهچڻ ڏکيو ٿي وڃي ٿو ۽ پاڻي بيهڻ سبب ڊينگي مليريا، هيضو ۽ ٻين وبائي بيمارين جو خطرو وڌي وڃي ٿو ٻوڏ کان پوءِ روڊن پلن نيڪال آب جي نظام ۽ ٻين سرڪاري اثاثن جي مرمت تي اربين روپين جا خرچ اچن ٿا، جيڪي جيڪڏهن اڳواٽ منصوبابندي تي خرچ ڪيا وڃن ها ته شايد اهڙي نقصان کان بچي سگهجي ها. **ڇا ڪرڻ جي ضرورت آهي؟:** هاڻي وقت اچي ويو آهي ته هنگامي قدمن بدران ڊگهي مدي واري حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي جديد ڊرينيج سسٽم جي تعمير وقت جي اهم ضرورت آهي شهرن جي وڌندڙ آباديءَ ۽ برسات جي شدت کي نظر ۾ رکندي نالن کي ويڪرو ڪيو وڃي، انهن مان گاد ڪڍي صاف رکيو وڃي ۽ جتي ضرورت هجي اتي نوان اسٽارم واٽر ڊرين تعمير ڪيا وڃن قدرتي نالن ۽ پاڻي جي وهڪرن تان غيرقانوني قبضا ختم ڪرڻ ضروري آهن جڏهن پاڻي جي قدرتي رستن کي بحال ڪيو ويندو ته برساتي پاڻيءَ سان پنهنجي قطري وهڪري موجب وهي سگهندو سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ (کوس ڪچري جي انتظام) کي جديد بڻائڻ ضروري آهي ميونسپل ادارن کي گهرجي ته روزانو بنيادن تي ڪچرو گڏ ڪرڻ جو نظام بهتر بڻائن پلاسٽڪ جي ٿيلهن جي استعمال کي محدود ڪن ۽ عوام ۾ صفائي سٿرائي بابت شعور پيدا ڪن ماحول دوست شهري ترقي وقت جي اهم ضرورت آهي پارڪن برساتي باغن (Rain Gardens)، پاڻي جذب ڪندڙ فرشن (Permeable Pavements) ۽ 'اسپنج سٽي' (Sponge City) جهڙن جديد تصورن تي عمل ڪرڻ سان برساتي پاڻي جو وڏو حصو زمين اندر جذب ٿي سگهي ٿو

جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال وقت جي اهم ضرورت آهي مصنوعي ذهانت (AI)، جاگرافيائي معلوماتي نظام (GIS)، ريموٽ سينسنگ، پاڻمرادو مينهن ماپيندڙ اسٽيشنن ۽ اسمارٽ ٻوڏ نگراني نظام جي مدد سان خطري وارن علائقن جي اڳواٽ نشاندهي ڪري سگهجي ٿي اهڙي طريقي سان برساتن کان اڳ بهتر نموني تياريون ڪري نقصان کي گهٽائي سگهجي ٿو اڳواٽ خبرداري وارو نظام قائم ڪرڻ ضروري آهي موسميات کاتي قومي ۽ صوبائي آفتن جي انتظام وارن ادارن مقامي حڪومتن ۽ ميونسپل ادارن کي گڏجي اهڙو مضبوط نظام جوڙڻ گهرجي جنهن ذريعي موبائل پيغامن ريڊيو ٽيليويزن ۽ سوشل ميڊيا وسيلي ماڻهن کي وقت سر خطري کان آگاهه ڪري سگهجي حڪومت سان گڏ عوام جي ذميواري به گهٽ ناهي جيڪڏهن هر شهري پنهنجي گهٽي، پاڙي ۽ نالن ۾ ڪچرو اڇلائڻ کان پاسو ڪري، صفائي جي مهمن ۾ حصو وٺي ۽ ماحولياتي ضابطن تي عمل ڪري ته شهري ٻوڏ جي شدت کي وڏي حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو

نظام پوڙهو، پاڪستان جوان


محمود شاھ

پاڪستان کي هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙن سياسي بحثن جي ور چاڙهيو پيو وڃي، جيڪي اڳ به ڪيترائي ڀيرا اخبارن سيمينارن ۽ سياسي تقريرن جو موضوع بڻجي چڪا آهن ڪڏهن نون صوبن جي ڳالهه ٿئي ٿي، ڪڏهن صدارتي نظام جي، ته ڪڏهن وري ڪمشنري ڊويزنن کي بنياد بڻائي صوبا ٺاهڻ جون تجويزون سامهون اچن ٿيون. حقيقت اِها آهي ته جيڪڏهن نيت صاف ۽ ادارا مضبوط هجن ته پراڻو نظام به بهتر نموني هلي سگهي ٿو. جيئَريون ۽ سجاڳ قومون هميشه اڳتي ڏسن ٿيون. پاڪستان کي وجود ۾ آئي 79 سال گذري چڪا آهن. جيڪي ڳالهيون ماضيءَ جو حصو بڻجي ويون، تن کي هاڻي بدلائڻ ممڪن ناهي. قومي سياسي پارٽيون هاڻي پوڙهيون ٿي ويون آهن ۽ انهن جا اڳواڻ به جيڪو ڪجهه ڪري سگهيا، سو ڪري چڪا آهن. هاڻي انهن مان ڪا نئين اميد رکڻ ڏکيو لڳي ٿو. جيڪي ماڻهو ڄاڻيهن سالن کان واري واري سان حڪومتون ڪندا رهيا آهن، جڏهن آهي جون ٿا ته 'جيڪڏهن وري موقعو مليو ته معيشت کي صحيح رستي تي آڻي ڏيکاريندا سين' ته اِهو ٻڌي نوجوان هجن يا پوڙها، سڀ مسڪرائڻ لڳن ٿا. رڳو نظام ئي پراڻو ناهي ٿيو پر اِهو نظام هلائيندڙ ۽ اڄ ان کي هلائيندڙ به هاڻي پراڻا ٿي چڪا آهن. پر پاڪستان اڄ به جوان، تازو ۽ سگهارو آهي. مصلحتن ۾ ڦاٿل قيادتون ۽ انهن کي اڳتي آڻيندڙ ته عمر رسيده ٿي ويا آهن. پر واهگا کان گوادر تائين هيءَ پاڪ ڌرتي اڄ به جوان آهي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ بيتاب بيٺي آهي اسان هميشه ماضيءَ ۾ ڦاٿا رهي سگهون. جو ته جيئڻو ته مستقبل ۾ ئي آهي. ماضي جا ڪيترائي موقعا هٿان نڪري ويا، پر مستقبل اڃا به بيشمار موقعن سان اسان کي اڳتي وڌڻ ۽ ڪجهه نئون ڪرڻ جي لاءِ سڏي رهيو آهي.

آگسٽ 1947ع کان جولاءِ 2026ع تائين 79 سال گذري چڪا آهن. هاڻي 14 آگسٽ 2026ع کانپوءِ سوين نوان سال اسان جي سامهون آهن. اِهي سال نون موقعن، نون خيالن ۽ نئين دنيا جي اڏاوت سان ڀرپور هوندا. نيون آباديون آباد ٿينديون، نيون نسلون جنم وٺنديون ۽ دنيا تيزيءَ سان بدلجندي رهندي. جبل پنهنجي اندر لڪيل دولت ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ريگستان تيل جا خزانا ڏيڻ لاءِ بيقرار آهن ۽ سمنڊ جي ڪوٺائين ۾ به بيشمار نعمتون ۽ راز لڪيل آهن. جيڪي انسان جي انتظار ۾ آهن. پاڪستان جي سئو سالا جشن وارو سال، يعني آگسٽ 2047ع، اسان جو انتظار ڪري رهيو آهي. ايندڙ 21 سالن ۾ هڪ مڪمل نئين نسل تيار ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن اسان واقعي پنهنجي مستقبل بابت سنجيده آهيون. اهڙي نسل کي تيار ڪري سگهجي ٿو جيڪا ملڪ جي قيادت ڪرڻ جي صلاحيت رکي. خوشقسمتيءَ سان پاڪستان جي آباديءَ جو لڳ ڀڳ 60 سيڪڙو نوجوانن تي ٻڌل آهي. انهن جا دل ڪليل آهن. سوچ روشن آهي ۽ انٽرنيٽ سندن ڄاڻ ۽ سوچ جا نوان در کولي ڇڏيا آهن. هيءَ مصنوعي ذهانت جو دور آهي، مصنوعي يا ڪٺ پتلي قيادت جو نه. هاڻي ماڻهو ڪٺ پتلي اڳواڻن جا تماشا ڏسڻ نٿا چاهين. خاص ڪري نوجوان اِهو نٿو چاهي ته سندس قسمت يا فيصلن جي واڳ ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ هجي. هو هڪ نئين، ترقي يافته ۽ بهتر پاڪستان جو خواب حقيقت بڻائڻ چاهي ٿو اڄ بلوچستان جي وسيع ميدانن ۾ رهندڙ نوجوان به پنهنجي نظر آسمان تي رکيو ويٺو آهي. سنڌ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جو نوجوان به ستارن تائين پهچڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي. جڏهن ته وچ پنجاب جو نوجوان به وڏا خواب کڻي اڳتي وڌي رهيو آهي. خيبر پختونخوا ۾ به نوجوانن جو جذبو ۽ توانائي عروج تي آهي. گلگت بلتستان جون ڊٺيون سندن خوابن جو آئينو بڻيل آهن. جڏهن ته آزاد ڪشمير جا آبشار سندن حوصلن کي وڌيڪ مضبوط ڪري رهيا آهن. اڄ سڄي دنيا پنهنجي مستقبل جي توانائي ۽ ترقيءَ جو رُخ اوڀر طرف ايندڙ سج ڏانهن ڪري رهي آهي. سج سيني جو آهي، اِهو ڪچن گهرن ۾ رهندڙن جو به آهي ۽ اوچين عمارتن ۾ پلازن وارن جو به. اِهو حويلين، فوجي ڇانوڻين، جاگيرن، مسجدن ۽ خانقاهن تي به هڪجهڙي روشني وجهي ٿو. اڄ سج جي روشني رڳو گرميءَ جو ذريعو نه رهي آهي، پر ماڻهن لاءِ توانائي ۽ خوشحاليءَ جو وسيلو بڻجي وئي آهي. پاڪستان جي لڳ ڀڳ هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ سولر پينل نظر اچن ٿا. جيڪي سج جي روشنيءَ مان بجلي پيدا ڪري رهيا آهن. سج جي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن. ان لاءِ نه ديوارون، نه اوطاقون، نه حجرا ۽ نه قلعا ڪا اهميت رکن ٿا. انسان به هاڻي انسانيت جي عزت ۽ وقار کي برقرار رکڻ لاءِ پنهنجو علم، تحقيق ۽ سرمايو ڪم آڻي رهيو آهي. انهيءَ ڪري هاڻي ڊونلڊ ٽرمپ جهڙا واپاري ذهن رکندڙ اڳواڻ پنهنجي ئي ملڪ لاءِ بار بڻجڻ لڳا آهن. نيتن ياهو جهڙا جنگي سوچ وارا حڪمران رڳو ٻين لاءِ نه، پر پنهنجي قوم لاءِ به بدناميءَ جو سبب بڻجي رهيا آهن. وڏين طاقتن جا ساٿي ۽ انهن جا آشيرواد يافته ماڻهو به هاڻي وڌيڪ ظلم ۽ بچڙايون پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ تيار ناهن هاڻي دنيا جنگين کان وڌيڪ امن چاهي ٿي. ماڻهن کي نه ميزائل گهرجن نه ڊرون، نه بمبار جهازن جو شوق رهيو آهي ۽ نه ٽينڪن جي طاقت جو هاڻي خواهش اِها آهي ته رستا کُلي وڃن. ملڪ پاڻ ۾ ڳنڍجن.

واپار وڌي ۽ قومون هڪٻئي سان ويجهو اچن. ننڍيون قومون به پنهنجن پيرن تي بيهن، ترقي ڪن ۽ سندن نوجوان پنهنجي سڃاڻپ ۽ قوميت تي فخر ڪري سگهن. هاڻي دنيا اڳ جهڙي نه رهي آهي، جتي هر ماڻهوءَ تي ڪنهن وڏي طاقت جي نظر هجي. هاڻي سڀ قومون برابري جي بنياد تي اڳتي وڌڻ چاهين ٿيون. پراڻيون رڪاوٽون آهستي آهستي ختم ٿي رهيون آهن. جبل ڪٽجي رستا بڻجي رهيا آهن ۽ رڳو جبين ٿي نه، پر سڄي دنيا جا ملڪ به هاڻي پنهنجي مستقبل کي نئين انداز سان سنوارڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هاڻي ڏکڻ ايشيا جي ملڪن کي به وقت جي تبديلي کي سمجهڻ گهرجي دنيا جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ڳڏيل سهڪار جا معاهدا، منصوبا ۽ تنظيمون ڪامياب ٿي چڪيون آهن. يورپ ته هڪ ڳڏيل ڪرنسي تائين پهچي ويو آهي ۽ ڪيترن ئي ملڪن ۾ پاسپورٽ ۽ ويزا جون پابنديون به گهٽجي ويون آهن. آر آمريڪا ۾ به ڳڏيل سهڪار جاري آهي ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن جي تنظيم (آسيان) به ڪاميابي سان هلي رهي آهي. پر رڳو ڏکڻ ايشيا جي تنظيم سارڪ ئي اهڙي آهي، جيڪا صحيح نموني هلي نه سگهي آهي. اِيتري قدر جو ان جون باقاعده گڏجاڻيون به ٿيون ٿي سگهن. ڳڏيل سهڪار ته پري جي ڳالهه آهي. ڀارت جو وزيراعظم نريندر مودي سخت هندو قومپرستيءَ جي سياست ڪندي پنهنجي ملڪ جي سيڪيولر سڃاڻپ کي ئي نقصان پهچائي رهيو آهي دنيا جي سڀ کان وڏي جمهوريت هجڻ جي دعوي به هاڻي سوالن هيٺ اچي رهي آهي. 'اکنڊ ڀارت' يا 'وڏو اسرائيل' جهڙا تصور ماڻهن جي زندگي آسان نٿا بڻائين، پر اختلاف ۽ تڪرار کي وڌيڪ وڌائين ٿا. اصل ضرورت اِها آهي ته ماڻهن جي زندگيءَ کي ڪئين ۽ پر آسان هجي خاص ڪري ڏکڻ ايشيا ۽ پاڪستان ۾ ڪيترن ماڻهن جي سڄي عمر عدالتن جا چڪر ڪاٽڻ، وڪيلن کي ڳريون فيسون ڏيڻ ۽ مختلف عملدارن کي رشوتون ڏيڻ ۾ گذري وڃي ٿي. ڪيترن ڪيسن جا فيصلا اِيتري دير سان اچن ٿا، جو ڪڏهن ته درخواست ڏيندڙ يا قيدي پنهنجو وڏو حصو جيل ۾ گذاري چڪو هوندو يا زندگي ئي ختم ٿي ويندي. سوال اِهو آهي ته جيڪڏهن انصاف عدالتن ڪن ٿيون، ته پوءِ عدالتن جي فيصلن تي اثر انداز آخر ڪير ٿئي ٿو؟ اسان وٽ وسيلا ۽ قدرتي خزانا ته موجود آهن. پر انهن تائين پهچ جا در بند آهن ۽ انهن جون چاٻيون اثرائتن ماڻهن وٽ آهن جيڪي ڏماڪيدار شيون اڄ پوليس اسٽيشنن يا مسجدن تي حملن لاءِ استعمال ٿي رهيون آهن. اهي جيڪڏهن جبلن کي ٽوڙي معدنيات ڪڍڻ لاءِ استعمال ٿين ته ملڪ کي فائدو ملي سگهي ٿو پاڪستان ۾ تامو، سون، ڪروماٽيٽ، يورينيم ۽ ٻيون قيمتي ڌاتون وڏي مقدار ۾ موجود آهن. جن مان ملڪ ترقي ڪري سگهي ٿو

ملڪ ۾ مفاهمت ضرور ٿيڻ گهرجي. پر رڳو چند سيٽن يا اڳيني عهدن جي ورهاست لاءِ نه، پر ماڻهن، مختلف نسلن ۽ جدا جدا ٻوليون ڳالهائيندڙ قومن جي دلين کي پاڻ ۾ ويجهو آڻڻ لاءِ هاڻي نه سج جي روشني روڪي سگهجي ٿي، نه سمنڊ جي هوا ۽ نه ئي درياهن جو وهڪرو. درياهه پنهنجو رستو پاڻ ناهي وٺن ٿا، بلڪل اهڙيءَ طرح نوجوان به اڳتي وڌڻ جي طاقت رکن ٿا. انهن جو اڱڻ به وڏي رهيو آهي ۽ سندن طاقت به انهن کي روڪڻ يا دٻائڻ واري پاليسي حقيقت کان اکيون ٻوٽڻ جي برابر آهي. هيءَ وقت موقعي پرستن جو نه، پر مستقبل کي ڏسندڙ ماڻهن جو آهي. اڄ جا اهم فيصلا بند ڪمرن بدران کليل دنيا ۽ ڊجيٽل اسڪرينن تي ٿين ٿا. انسان کي خوش ڪرڻ کان وڌيڪ اهم ڳالهه خدا جي رضا حاصل ڪرڻ آهي. هاڻي اهو زمانو نه رهيو آهي، جڏهن سخت قانون، پابنديون، دفعه 144، اين او سي، تنظيمون بند ڪرڻ سيڪيورٽي ڪليئرنس، پابنديون (Sanctions)يا واپاري تيرفن ذريعي ماڻهن کي هميشه لاءِ روڪي سگهجي، انهن سيني شين جو اڳ جهڙو اثر هاڻي نه رهيو آهي. گليشيئر ڳري رهيا آهن، ٿڪنهڪري پاڻيءَ کي پنهنجو قدرتي رستو ڏيڻ گهرجي، درياهن کي زمينون آباد ڪرڻ ۽ آخرڪار سمنڊ تائين پهچڻ گهرجي. فطرت اڳ ئي ناراض آهي. ٿڪنهڪري ان سان ٽڪرائڻ بدران ان سان هم آهنگي اختيار ڪرڻ گهرجي. اڄ جي ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي به زمين، درياهن ۽ سمنڊ جي فطرت کي سمجهندڙ ۽ ماحول دوست هجڻ گهرجي. ٻيٽ هاڻي ماڻهن جي سير ۽ سياحت جا هنڌ آهن ڪنهن آمر يا حڪمران جي لڪڻ جي جاءِ نه. دنيا تيزي سان بدلجي رهي آهي. پراڻا سياسي ۽ انتظامي ڍانچا ٽٽي رهيا آهن ۽ نوان طريقا سامهون اچي رهيا آهن. سفارتڪاري جو مقصد هاڻي دنيا سان سهڪار وڌائڻ آهي، دشمني پيدا ڪرڻ نه. اڄ جي دور ۾ قيادت جو اثر آن لائن دنيا وسيلي وڌيڪ ٿيندو آهي. ان لاءِ وڏن محلن قلعن بلٽ پروف گاڏين يا قيمتي لباسن جي ضرورت ناهي، پر سادي زندگي، ڪليل سوچ، پري ڏسندڙ نظر ۽ وڏي دل جي ضرورت آهي باقي رهندو نالو الله جو.

> هاڻي اِهو زمانو نه رهيو آهي، جڏهن سخت قانون، پابنديون، دفعه 144، اين او سي، تنظيمون بند ڪرڻ سيڪيورٽي ڪليئرنس پابنديون (Sanctions)يا واپاري تيرفن ذريعي ماڻهن کي هميشه لاءِ روڪي سگهجي، انهن سيني شين جو اڳ جهڙو اثر هاڻي نه رهيو آهي، گليشيئر ڳري رهيا آهن، ٿڪنهڪري پاڻيءَ کي پنهنجو قدرتي رستو ڏيڻ گهرجي، درياهن کي زمينون آباد ڪرڻ ۽ آخرڪار سمنڊ تائين پهچڻ گهرجي، فطرت اڳ ئي ناراض آهي، ٿڪنهڪري ان سان ٽڪرائڻ بدران ان سان هم آهنگي اختيار ڪرڻ گهرجي، اڄ جي ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي به زمين، درياهن ۽ سمنڊ جي فطرت کي سمجهندڙ ۽ ماحول دوست هجڻ گهرجي، ٻيٽ هاڻي ماڻهن جي سير ۽ سياحت جا هنڌ آهن ڪنهن آمر يا حڪمران جي لڪڻ جي جاءِ نه، دنيا تيزي سان بدلجي رهي آهي.

مصنوعي ذهانت ۽ مفلوج ٿيندڙ انساني سوچ


غلام فاروق

پنجاهه ورهيه اڳ توهان کي پنهنجي گهر جو فون نمبر ته ياد هوندو ئي هوندو هو پر ان سان گڏ ويجهن مٽن مائٽن جا نمبر پڻ ذهن ۾ محفوظ هوندا هئا ملمي جو نمبر، ماسيءَ جو نمبر، چاچي جو دوست جو، سڀ زبان تي هوندا هئا ڪنهن کي فون ڪرڻو هوندو هو ته فون کڻي سڌو نمبر ملائيندا هئاسين ڪنهن فهرست جي ضرورت نه هوندي هئي نه ئي ڪنهن جي مدد جي نمبر ياد رکڻ هڪ عام ڳالهه هئي ۽ ذهن ان ڪم لاءِ تيار هوندو هو اڄ حالت بلڪل بدلجي چڪي آهي هاڻ بس هڪ آواز ۾ حڪم ڏيو "ملمي کي فون لڳاءِ" يا "گهر والدين کي ڪال ڪريو". فون پاڻ نمبر ڳولي رابطو ڪرائي ٿو توهان کي نمبر ياد رکڻ جي ضرورت ناهي تلي جي به پوري ضرورت ناهي بس هڪ آواز ڪافي آهي ذهن کي ان ڪم لاءِ ڪنهن مشق جي ضرورت ئي نه رهي آهي جيڪڏهن فون وڃائي ويهو يا بيٽري مري ختم ٿي وڃي ته گهر وارن جا نمبر به ذهن مان غائب ٿي چڪا آهن اڳي دوست جي گهر وڃڻو هوندو هو ته رستو ذهن ۾ هوندو هو ڪهڙي گهٽي کان وڃڻو آهي ڪهڙي دڪان کان موڙ وٺڻو آهي ڪهڙي مسجد يا وڻ کي سڃاڻڻو آهي سڀ ياد هوندو هو تئين جاءِ تي وڃڻو هوندو هو ته اڳ ۾ ڪنهن کان پڇي به ٿي پيرا رستو ورجائي سمجهي ۽ ياد ڪري ويندا هئاسين ذهن ۾ نقشو ٺهي ويندو هو ڪڏهن ڪڏهن رستي ۾ ڪو ٿئون دڪان يا عمارت ڏسي به سڃاڻي ويندا هئا ته ها، هي اهو ئي رستو آهي اڄ نقشو ڪوليو ۽ آواز تي هلڻ شروع ڪيو ساڄي پاسي وڃو سڌو وڃو ٻه سو ميٽر اڳيان کاٻي پاسي موڙ وٺو منزل اچي وئي توهان کي رستي جي پرواهه ئي نه هوندي آهي جتي پاسي جا آهي ڪهڙي گهٽي ڪيڏانهن وڃي ٿي ڪجهه به ذهن ۾ نه ٿو ويهي بس آواز ٻڌو ۽ هلو جيڪڏهن انٽرنيٽ بند ٿي وڃي ته ڪيترا ماڻهو پنهنجي ئي شهر ۾ ڀٽڪي پون ٿا جنهن رستي تان هزارين ڀيرا گذريا آهن ان تي به بغير نقشي جي نه ٿا هلي سگهن

ڪا شيءِ ياد رکڻي هوندي هئي ته بار بار پڙهندا هئاسين ڪڏهن ڪاغذ تي لکندا هئاسين ڪڏهن بلند آواز سان ورجائيندا هئاسين ڪڏهن اکيون بند ڪري ذهن ۾ ورجائيندا هئاسين بار بار مشق ڪرڻ سان ڳالهه ذهن ۾ ويهي ويندي هئي امتحان هجي يا ڪا اهم ڳالهه ياد رکڻ لاءِ محنت ڪرڻي پوندي هئي ۽ اها محنت ئي يادداشت کي مضبوط ڪندي هئي اڄ حالت اها آهي جو جيڪا شيءِ ياد رکڻي آهي فوري طور فون ۾ نوٽ ڪري ڇڏيون ٿا، سوچيون ٿا ته هاڻ ياد رهندي، ڇاڪاڻ ته نوٽ ۾ لکيل آهي پر اصل ۾ ياد ٿيندي ئي ناهي ڇو؟ ڇاڪاڻ ته ذهن کي ڪم ئي نه ٿو ملي لکڻ پڙهڻ ۽ ورجائڻ واري مشق ختم ٿي وئي آهي ذهن صرف ان ڳالهه تي ڀروسو ڪري ٿو ته "فون ۾ محفوظ آهي". ان ڪري پاڻ ڪوشش ئي نه ٿو ڪري، نتيجي ۾ يادداشت ڪمزور ٿي رهي آهي ۽ اسان ننڍين ننڍين ڳالهين لاءِ به فون تي دارومدار رکڻ لڳا آهيون اڄ هر شيءِ تيار بيٺي آهي رستو نقشو ٻڌائي ٿو حساب مشين ڪري ٿي، معلومات گوگل ڏئي ٿي ۽ هاڻ جواب به AI ڏئي ٿي سوال اهو ناهي ته هيءَ سهولت سٺي آهي يا نه؟ سوال هي آهي ته اسان آساني حاصل ڪئي آهي يا پنهنجي ذهن کي آهستي آهستي مفلوج بڻائي رهيا آهيون؟

دنيا ۾ جيترين به وڏين ٽيڪنالاجيون آيون آهن انهن سڀني جا فائدا به هئا ۽ نقصان به بجلي آئي ته رات جو اوندهه ختم ٿي پر بجليءَ جي غلط استعمال سان حادثا به ٿيا. ڪمپيوٽر آيو ته ڪم تيز ٿيو، پر ماڻهو اسڪرين تي ويهي رهجي ويا موبائل فون آيو ته دنيا هٿ ۾ اچي وئي پر انسان هڪ ٻئي کان پري ٿي ويا هاڻ AI آيو آهي مصنوعي ذهانت هي انهن سڀني کان وڌيڪ طاقتور ۽ خطرناڪ ٽيڪنالاجي آهي ڇاڪاڻ ته هي سڌو اسان جي سوچڻ واري صلاحيت تي وار ڪري رهي آهي AI اسان لاءِ وڏي سهولت آهي ان کان انڪار نٿو ٿي سگهي بيمار جو علاج جلدي ٿئي ٿو، شاگرد کي سبق سمجهه ۾ اچي ٿو، ڪاروبار ۾ فيصلا تيز ٿين ٿا، تحقيق جو ڪم مهينن جي بدران ڏينهن ۾ ٿي وڃي ٿو هي سڀ سچ آهي پر هي به سچ آهي ته AI اسان کي سوچڻ جي صلاحيت کان آهستي آهستي پري ڪري رهي آهي

هي ٽيڪنالاجي اصل ۾ اسان جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ ناهي وئي هئي مددگار بڻائڻ لاءِ پر اسان ان کي پنهنجو محافظ ۽ متبادل بڻائي ڇڏيو آهي هر سوال جو جواب AI کان، هر مضمون AI کان، هر فيصلو AI کان، هر تجزيو AI کان هاڻ انسان پاڻ سوچڻ کان ڪيٻائيندو پيو وڃي هي AI جو سڀ کان اونداهو پاسو آهي اڳ ماڻهو پاڻ سوچي ڪهاڻي لکندا هئا، شعر جوڙيندا هئا، مضمون تيار ڪندا هئا ڪا ڳالهه دل ۾ اڀري ٿي ته راتين جون راتيون جاڳندا هئا، سوچيندا هئا، ڪاغذ تي لکندا هئا، مٽائيندا هئا، وري لکندا هئا تخليق ۾ سندن پنهنجو درد هوندو هو، پنهنجي خوشي هوندي هئي پنهنجو تجربو هوندو هو پڙهندڙ کي به اها ڳالهه محسوس ٿيندي هئي ته هي لفظ ڪنهن انسان جي دل مان نڪتا آهن پر اڄ حالت بدلجي چڪي آهي هاڻ AI لکي ٿو ماڻهو صرف حڪم ڏئي ٿو ۽ تيار مواد ڪاپي پيسٽ ڪري ٿو مضمون گهرجي ته AI کان وٺي ورتو، ڪهاڻي گهرجي ته AI لکي ڏني شعر گهرجي ته AI ٺاهي ڏنو لکڻ واري محنت، سوچڻ واري تڪليف ۽ دل جي ڳالهه ختم ٿي رهي آهي جيڪڏهن هي سلسلو جاري رهيو ته سچ پچ انساني تخليق ختم ٿي ويندي مشين وٽ تمام گهڻي ڊيٽا آهي لکين ڪتاب پڙهيل آهن لکين شعر ياد آهن پر مشين وٽ احساس ناهي تجربو ناهي درد ناهي خوشي ناهي پيار ناهي مايوسي ناهي اهي شيون صرف انسان وٽ آهن اهي ئي شيون آهن جيڪي تخليق کي جاندار بڻائين ٿيون پر جيڪڏهن انسان پاڻ سوچڻ ڇڏي ڏيندو، پاڻ محسوس ڪرڻ ڇڏي ڏيندو ۽ هر شيءِ مشين حوالي ڪري ڇڏيندو ته پوءِ اهي انساني شيون به آهستي آهستي ضايع ٿي وينديون بچندو صرف هڪ خالي خول جنهن ۾ لفظ ته هوندا، پر جان نه هوندي اصل مسئلو AI ناهي اصل مسئلو اسان جو رويو آهي جيڪڏهن اسان AI کي صرف مددگار طور استعمال ڪريون، پنهنجي سوچ کي جيئرو رکون، تنقيدي نظر سان هر ڳالهه کي ڏسون ته هيءَ ٽيڪنالاجي اسان لاءِ نعمت بڻجي سگهي ٿي پر جيڪڏهن اسان پنهنجي سموري سوچ، سموري تخليق ۽ سموري ذميواري AI حوالي ڪري ڇڏيون ته پوءِ هيءَ نعمت عذاب بڻجي ويندي اسڪولن ۽ گهرن ۾ به هيءَ عادت پئجي رهي آهي ٻار هر سوال جو جواب AI کان وٺن ٿا استاد به ڪڏهن ڪڏهن AI تي ڀروسو ڪن ٿا نتيجو اهو نڪرندو ته ايندڙ نسل سوچڻ کان قاصر ٿي ويندو اهي معلومات ته حاصل ڪندا پر ان معلومات کي سمجهڻ، ان تي غور ڪرڻ ۽ ان مان نتيجو ڪڍڻ جي صلاحيت وڃائي ويهندا

اسان کي هاڻي فيصلو ڪرڻو آهي AI کي قبول ڪريون، پر ان جو غلام نه بڻجون ان کي استعمال ڪريون، پر پنهنجي ذهن کي ڪڏهن به بند نه ڪريون ياد رکڻ جي عادت واپس آڻيون ڪڏهن ڪڏهن نقشو بند ڪري پاڻ رستو ڳوليون ڪڏهن ڪڏهن حساب پاڻ ڪريون ڪڏهن ڪڏهن ڪتاب کولي پڙهون ۽ سڀ کان اهم ڳالهه، ڪنهن به ڳالهه کي AI کان وٺڻ کان اڳ پاڻ سوچيون ته ڇا هي درست آهي يا نه ياد رکو ته مستقبل انهن ماڻهن جو هوندو جيڪي AI کي هلائيندا، پر پنهنجي ذهن کي ڪڏهن به هلائڻ نه ڇڏيندا جيڪي AI کان مدد وٺندا پر فيصلو پاڻ ڪندا جيڪي AI کان معلومات وٺندا پر سوچيندا پاڻ AI هڪ طاقتور اوزار آهي اوزار هٿ ۾ هجي ته ڪم آسان ٿئي ٿو پر جيڪڏهن اوزار هٿ مان نڪري وڃي ۽ اسان تي حڪومت ڪرڻ لڳي ته پوءِ انسانيت خطري ۾ پئجي ويندي اڄ اهو فيصلو اسان جي هٿ ۾ آهي سوچيو ۽ پوءِ فيصلو ڪريو.

اڄوڪو ڏينهن ..... 07 آگسٽ

راز ناٿن شاهي




اڄ مشهور شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ خطاط راز ناٿن شاهيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن دادو ضلعي جي شهر خيرپور ناٿن شاهه ۾ 7 آگسٽ 1947ع ۾ اکيون کوليون سندس اصل نالو علي شير ولد نور محمد ميراڻي هو هن جو نانو محمد اعظم ميراڻي به پنهنجي دور جو نالي وارو اديب هو راز ناٿن شاهيءَ ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ پير پاتو شروع ۾ 'علي شير' ۽ 'عين شين' جي تلي سان لکندو هو اڳتي هلي 'راز' تخلص سان شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين هن جي شاعري ۽ ڪهاڻيون سنڌ جي ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻيون راز ناٿن شاهي هڪ عمدو خطاط ۽ مصور پڻ هو هن عمر جو هڪ وڏو حصو پاڪستان ٽيليويزن ڪراچيءَ ۾ هڪ ڪاتب ۽ خطاط طور گذاريو هن شاهه سائينءَ جي بيتن ۽ آغا سليم جي شاهه جي منظوم اردو ترجمي تي مشتمل بيتن جي شاندار خطاطي ڪئي هن 4 نومبر 2019ع تي دم ڏنيءَ جي حوالي ڪيو

خير النساء جعفري



اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ ليکڪا خير النساء جعفريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 7 آگسٽ 1947ع تي ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد ۾ ٿيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي پيدائش جي تاريخ 7 بدران 17 آگسٽ ڄاڻائي وئي آهي سندس والد احمد علي خواجه اسلاميات جو پروفيسر هو هن ميران اسڪول ۽ زبيده ڪاليج حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪئي سنڌ يونيورسٽيءَ مان نفسيات ۾ ايم اي ڪرڻ بعد 1970ع ۾ ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿي اڳتي هلي پروفيسر جي عهدي تائين پهتي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي نفسيات واري شعبي جي چيئرپرسن طور رٽائر ٿي خيرالنساء جعفريءَ جو شمار سنڌ جي مشهور ليکڪائن ۾ ٿئي ٿو سنڌس پهرين ڪهاڻي "بيروزگاري ۽ بندوق" سوجهري رسالي ۾ ڇپي ان بعد هن ڪئين شاهڪار ڪهاڻيون لکيون سنڌس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "تخليق جو موت" 1978ع ۾ ڇپيو سندس ٻيو ڪتاب "منهنجو تخليقي سفر" 1992ع ۾ ڇپيو جنهن ۾ هن جون ڪهاڻيون، انٽرويو، تقريرون ۽ هندستان جو سفرنامو شامل آهن هن نامياري ليکڪا 4 مارچ 1998ع تي هن دنيا مان موڪلايو

رضا بخاري



اڄ مشهور شاعر رضا بخاريءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي هو 7 آگسٽ 1980ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو هن جو پورو نالو سيد علي رضا شاهه ولد سيد مدد علي شاهه منظر آهي هن سچل سرمست اورينٽل ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان گريجوئيشن ڪئي هن 1995ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سنڌس شاعري مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي آهي سنڌس شاعريءَ جي ڇپيل مجموعن ۾ "شاعري تنهنجو بدن"، "هوا جي بانسري" ۽ "چانڊنيءَ جو آبشار" شامل آهن

نصير فقير چند



نصير فقير چند جو پورو نالو نصير احمد ولد خير محمد چند آهي ۽ هن جو جنم 7 آگسٽ 1985ع ۾ گهوٽڪي تعلقي جي ڳوٺ محبت رُڪ ۾ ٿيو هو هڪ ليڪ، نعت خوان ۽ سوشل ورڪر طور مشهور آهي هن 2000ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو هن سنڌي توڙي اردو ۾ شاعري ڪئي آهي سنڌس شاعريءَ ۾ بيت، چوسٽا، وايون، غزل گيت، حمديه ۽ نعتيه ڪلام ۽ ٻيون صنفون شامل آهن سنڌس ڪجهه شاعري، ڳڏيل شاعريءَ جي ڪتابن "شاعري ڳالهائي ٿي" ۽ "ڪيئا جرڪيا ڏيهه ۾" شامل آهي هن "شهيد خير محمد چند" نالي سان هڪ لائبريري قائم ڪئي آهي ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ گهوٽڪيءَ جو سرگرم ميمبر ۽ عهديدار رهيو آهي

خوشبو لغاري



خوشبو لغاري ٿئين ٿهيءَ جي مشهور گلوڪاره آهي اڄ سنڌس سالگره جو ڏينهن آهي هن جو جنم 7 آگسٽ 1993ع تي ميرپور خاص ۾ ٿيو هن استاد ميوي خان کان موسيقيءَ جي تعليم حاصل ڪئي هن سنڌي، سرائڪي، اردو، ڍاٽڪي ۽ گجراتي ٻولين ۾ نهايت خوبصورت گيت ڳايا آهن جن کي تمام گهڻي مقبوليت ملي آهي هن جي ڳايل گيتن جو پهريون البم 2010ع ۾ جاري ٿيو هن وقت تائين سنڌس ڳايل گيتن جا 25 کان وڌيڪ البم جاري ٿي چڪا آهن

جمعو خان غريب



جمعو خان غريب پنهنجي دور جو هڪ معلي استاد، شاعر ۽ ليکڪ هو سنڌس جنم 15 جنوري 1885ع تي ڳوٺ مريد خان لاکير، تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو سنڌي فائنل پاس ڪرڻ کانپوءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن کي علم جي دولت سان مالامال ڪري 1940ع ۾ رٽائر ٿيو شمس الدين بلبل جي صحبت ۾ رهي ادب ۽ شاعريءَ طرف راغب ٿيو شعر ۽ شاعريءَ ۾ مرحوم محمد صديق مسافر کان رهنمائي وٺندو هو پاڻ ڪيترن ئي رسالن جو ايڊيٽر رهيو جن ۾ اديب سنڌ، مسلمان ۽ طلب المولي رسالو شامل آهن هو انجمن آفتاب ادب دادو، جمعيت الشعراءِ سنڌ ۽ مجلس علم ۽ ادب هالا جو سرگرم ميمبر هو ٻارن لاءِ سنڌس شاعريءَ جو ڪتاب گل نوبهار 1933ع ۾ ڇپيو سنڌي ادب جي هن موتيءَ 7 آگسٽ 1953ع تي هن فاني دنيا مان موڪلايو


عبدالرزاق سومرو



اڄ سنڌ جي قومي سورمي عبدالرزاق سومري جي شهادت جو ڏينهن آهي هن جو جنم 23 جولاءِ 1947ع تي محمد سليمان سومري جي گهر موري ۾ ٿيو انٽر سائنس تائين تعليم موري ۾ حاصل ڪيائين ۽ ليڪٽريڪل ٽيڪنالاجيءَ ۾ ايسوسيئيٽ انجنيئر جو ڊپلوما پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ خيرپور مان حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات خيرپور جي انهيءَ انسٽيٽيوٽ ۾ جونيئر انسٽرڪٽر طور ڪئي اڳتي هلي حيدرآباد پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ ۾ ساڳئي عهدي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين هو هڪ سچو قوم پرست اڳواڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سچڻ هو قوم پرستي سندس نَس نَس ۾ سمايل هئي جنوري 1971ع ۾ ڪجهه تعصب پرست ماڻهن سنڌ الاجيءَ جي عمارت کي باهه ڏئي گهڻو نقصان پهچايو سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاهه اداري جي بحاليءَ لاءِ ملي مدد جي اپيل ڪئي انهيءَ اپيل کي مانُ ڏيندي هن پنهنجي ساٿين سان گڏجي چندو گڏ ڪيو ۽ بيڪ ڀرائت يونيورسٽي انتظاميه جي حوالي ڪيو هو پوليٽيڪنڪ ڪاليج ۾ سنڌي شاگردن کي داخلا وٺڻ ۾ مدد ڪندو هو ان ڪري ڪجهه تعصب پرست ماڻهن جي اکين جو ڪنڊو بڻيل رهيو 1972ع وارن ٻوليءَ جي فسادن دوران 7 آگسٽ 1972ع تي ڪيس شهيد ڪيو ويو ڪيس پنهنجي اباڻي شهر موري ۾ دفنايو ويو


مختيار انڙ

علي محمد اڏيراڻي



اڄ سنڌ جي مشهور عوامي شاعر علي محمد اڏيراڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 1968ع ڌاري نئين ضلعي جي گهوڙا ٻاري تعلقي جي ڳوٺ اڏيري لال ۾ ٿيو سندس والد جو نالو محمد اسماعيل ڪٽي هو هن جي شاعري سنڌ جي مختلف فنڪارن ڳائي آهي جن ۾ فوزيه سومرو، ثميتہ ڪنول، سجاد يوسف، الهه ڏنو خاصخيلي ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن 2003ع ۾ هڪ روڊ حادثي ۾ سندس ڪرنگهيءَ جي هڏي سخت متاثر ٿي پئي هئي غربت سبب انهيءَ جو صحيح علاج نه ڪرائي سگهيو ۽ عمر جو آخري حصو انتهائي غربت ۽ تڪليف ۾ گذاريائين آخرڪار 7 آگسٽ 2020ع تي سنڌس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

مايا موهن ملڪ



اڄ مشهور سنڌي ليکڪا ۽ ڪلاڪاره مايا موهن ملڪ جي لاڏائي جو ڏينهن آهي هوءَ 12 فيبروري 1937ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڄائي سندس والد هڪ پيٽروليم ڪمپنيءَ ۾ آفيسر هو 1947ع واري ورهاڱي ڪانپوءِ پاڻ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان منتقل ٿي وئي هوءَ هڪ نامياري ليکڪ هئي ۽ سنڌس مضمون، ڪهاڻيون، چرچا ۽ سنڌي ڪاڏن رڌڻ جون ترڪيبون مشهور رسالي هندواسيءَ ۾ ڇپجنديون رهيون هوءَ هڪ سٺي ڪلاڪاره پڻ هئي خاص طور تي مذهبي گيت ڳائڻ ۾ سنڌس تلو مشهور هو هن ڪجهه فلمي گيت پڻ ڳايا. تاريخ 7 آگسٽ 1920ع تي سنڌس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

پروفيسر عبدالرحمان ميمڻ



سنڌ جي هن مشهور تعليمي ماهر ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر جو جنم 3 فيبروري 1941ع ۾ هالا نوان ۾ ٿيو هن 1963ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان اليڪٽرانڪس ۾ بي ايس سي جي سند ۽ 1964ع ۾ ساڳي يونيورسٽيءَ مان ايم ايس سي (فزڪس) جي سند حاصل ڪئي 1968ع ۾ انگلينڊ جي باٿ يونيورسٽيءَ مان ايم ايس سي ۽ 1972ع ۾ سٽي يونيورسٽي لنڊن مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين پاڻ 1964ع ۾ فزڪس جو ليڪچرار ۽ 1966ع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اليڪٽريڪل ۽ اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ جو ليڪچرار مقرر ٿيو 1977ع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏنو ويو ۽ انهيءَ کي "مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي" نالو رکيو ويو ڊاڪٽر عبدالرحمان انهيءَ نئين يونيورسٽيءَ سان پنهنجي رٽائرمينٽ تائين سلهاڙيل رهيو هن نه فقط هڪ بهترين استاد جي حيثيت ۾ پنهنجي شاگردن کي اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ جي فني سکيا ڏني پر هڪ بهترين انتظامي سربراهه طور به پنهنجي ساک قائم ڪئي 1966ع کان 2001ع تائين پاڻ چيئرمين اليڪٽريڪل ۽ اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ، ڊين فيڪلٽي آف انجنيئرنگ، چيئرمين لائبريري ڪاميٽي ڊين فيڪلٽي آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ڊائريڪٽر ڪمپيوٽر سينٽر ۽ ٻين انتظامي عهدن تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون 1971ع کان 1981ع تائين هن مارا انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي ملائيشيا ۾ سينيئر ليڪچرار طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون 1984ع کان 1988ع جي وچ واري دور ۾ هو وقت بوقت مهراڻ يونيورسٽيءَ جو قائم مقام وائيس چانسلر رهيو 2001ع ۾ سنڌس نگرانيءَ ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي انفارميشن ۽ ڪميونيڪيشن واري اداري جو بنياد پيو پاڻ انهيءَ اداري جو پهريون ڊائريڪٽر مقرر ٿيو انهيءَ ئي اداري مان انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جي شعبي ۾ ملڪ جي پهرئين شاگرد پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي اپريل 1995ع تي ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ مهراڻ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو هن يونيورسٽيءَ ۾ نصابي سرگرمين کي هٿي وٺرائي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن جي حاضريءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سخت قانون ناهيا داخلا جي عمل کي شفاف بڻائڻ ۽ ذهين شاگردن کي داخلا ۾ مدد ڏيڻ لاءِ هن پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 'داخلا لاءِ ٽيسٽ' جو بنياد وڌو شروع ۾ ڪيس ڪافي مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو پر سنڌس اهو تجربو اهڙو ته ڪامياب ٿيو جو ملڪ جي سڀني يونيورسٽين داخلا لاءِ ٽيسٽ وٺڻ لازمي ڪري ڇڏي آهي اپريل 2003ع تي پاڻ مهراڻ يونيورسٽيءَ مان رٽائر ٿيڻ بعد همدرد يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ ڊين آف انجنيئرنگ طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون ان بعد پاڻ نيوپورٽس انسٽيٽيوٽ آف ڪميونيڪيشنس ۽ اڪانامڪس سان لاڳاپجي ويو هن قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ انجنيئرنگ جا اصول سمجهائڻ لاءِ هڪ ڪتاب لکيو ڊاڪٽر عبدالرحمان سنڌ سرڪار پاران ناهيل وائيس چانسلرس ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو هن 7 آگسٽ 2023ع ۾ ڪئناڊا ۾ وفات ڪئي سنڌس ميت کي پاڪستان آڻي هالا ۾ دفنايو ويو

GOVERNMENT OF PAKISTAN
COLLECTORATE OF CUSTOMS ENFORCEMENT HYDERABAD

FBR PAKISTAN

A/49, Site Area, Hyderabad Ph: 022-9250072 Fax: 022-9250073

TENDER NOTICE FOR TRANSPORTATION OF GOODS AND VEHICLES AND PROVISION OF RELATED SERVICES

Sealed tenders are invited from reputed suppliers, contractors, or firms registered with Income Tax and Sales Tax Departments for transportation of goods, and vehicles from Check posts/ JCPs /ASUs/DES to warehouses and other sites operating under the jurisdiction of the Collectorate of Customs Enforcement, Hyderabad and shifting / transportation of goods and vehicles from/to different places and related other services for the Financial Years, 2026-27

SCOPE OF WORK

The Successful Bidder Shall Be Responsible For:

i. Shifting of seized goods from various Check posts/JCPs/ASUs/DES to warehouses and other situated within the jurisdiction of the Collectorate of Customs Enforcement, Hyderabad, and shifting / transportation of goods and vehicles from/to different places and related other services but not limited to:
- Hyderabad Division
- Nawabshah Division
- Sukkur Division
- Larkana Division
- Mirpurkhas Division

ii. Provision of labor, logistics support, and any other related services as required.

iii. Rates must be quoted according to the following criteria:
- 20 Ft Container up to 50 km including loading and unloading.
- 40 Ft Container up to 50 km including loading and unloading
- 20 Ft Container up to 350 km including loading and unloading (Hyderabad ⇌ Sukkur).
- 40 Ft Container up to 350 km including loading and unloading (Hyderabad ⇌ Sukkur)
- Large Crane/excavator service per hour.
- Small Crane/excavator service per hour.
- Large lifter service per hour.
- Small lifter service per hour.
- Car Carrier for transportation of LTV up to distance of 350 km.
- Car Carrier for transportation of LTV up to distance of 1200 km.
- Transportation in Shahzore or similar vehicle for up to distancing of 150 km including loading and unloading.
- Transportation in Mazda Truck or similar vehicle for distance up to 150 km including loading and unloading.
- Provision of labor in batch of five persons per shift (8 hours a shift).

Terms and Conditions:

i. Sealed bids must be dropped in the Tender Box placed in the Administration Branch, CoC Enforcement, A-49 site area Hyderabad and to submit online bids on Epads through PPRA official website on or before 26.8.2026 up to 1400 hours. These bids will be opened on the same day at 1500 hours in the presence of bidders or so their authorized representatives who may like to witness the opening up of sealed tenders.

ii. Following documents must be attached with the tender documents:
- Copy of valid Sales Tax Registration.
- Copy of valid Income Tax Registration.
- Business Profile of last 3years.
- Authority letter showing the details of authorized person for administrative division.
- Experience certificate(s) for providing similar services to Government / Semi-government reputed private organizations during the last three (03) years.
- Copy of CNIC of the authorized person and bank statement
- An affidavit confirming that the company is not blacklisted anywhere.

iii. The competent authority reserves the right to accept or reject any or all bids in accordance with the provisions envisaged under Rule-33 of PPRA Rules 2004.

iv. No bidder shall be allowed to alter or modify his/her bid after opening of the bids.

v. No conditional bids shall be accepted.

vi. Rates should be inclusive of all taxes.

vii. Bids must be attached with a pay order in the name of The Collector, Collectorate of Customs Enforcement, Hyderabad equivalent to Rs. 100,000 as a call deposit.

viii. The rates shall be valid for six months and may be revised thereafter keeping in view the market fluctuation and inflation/deflation.

ix. Incomplete quotations shall not be considered in any case.

Form A

S.No.	Description	Price
1.	20 Ft Container up to 50 km including loading and unloading	
2.	40 Ft Container up to 50 km including loading and unloading	
3.	20 Ft Container up to 350 km including loading and unloading (Hyderabad ⇌ Sukkur)	
4.	40 Ft Container up to 350 km including loading and unloading (Hyderabad ⇌ Sukkur)	
5.	Large Crane/excavator service per hour	
6.	Small Crane/excavator service per hour	
7.	Large lifter service per hour	
8.	Small lifter service per hour	
9.	Car Carrier for transportation of LTV up to distance of 350 km	
10.	Car Carrier for transportation of LTV up to distance of 1200 km	
11.	Transportation in Shahzore or similar vehicle for distance up to 150 km including loading and unloading	
12.	Transportation in Mazda Truck or similar vehicle for distance up to 150 km including loading and unloading	
13.	Provision of labor in batch of five persons per shift (8 hours a shift).	

DEPUTY COLLECTOR
COLLECTORATE OF CUSTOMS ENFORCEMENT
HYDERABAD

PID (H) 31/2026

گمبٽ ويجهو ڏن ڏينهن کان گم ٿيل رٽائرڊ آفيسر جو گهر مان لاش هٿ، شڪ ۾ زال گرفتار

ڳوٺ الهوسايو پيٽي واسي زراعت کاتي جو رٽائرڊ آفيسر زاهد حسين پيٽي ٽي ڏينهن اڳ پراسرار طور گم ٿي ويو

ڳجهي اطلاع تي پوليس مقتول جو لاش سندس ئنڊي زال جي گهران زمين ۾ پوريل حالت ۾ هٿ ڪيو

لاش اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪري زال لطيفان شيخ کي گرفتار جاچ شروع ڪئي آهي: پوليس

گمبٽ (رپورٽ بمريد ڪاتوري) گمبٽ ٿاڻي جي حد گمبٽ ريلوي ڦاٽڪ پرسان ڳوٺ الهوسايو پيٽي جو رهواسي زراعت کاتي جو رٽائرڊ آفيسر زاهد حسين پيٽي ڪين ڏينهن کان گم ٿيل هو جنهن جو آخرڪار
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5



عمرڪوٽ:پراسرار نموني فوت ٿيل نوجوان جا وارث احتجاجي ڌرڻو هڻي رهيا آهن

گهوٽڪي پرسان اڌڙوٽ شخص جو تشدد ٿيل لاش هٿ، پوليس ڪاٽي اسپتال منتقل ڪيو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي پرسان بي سيڪشن ٿاڻي جي حد رڪ فارم پرسان قومي شاهراهه وٽان نامعلوم اڌڙوٽ عمر جي شخص جو لاش هٿ آيو بي سيڪشن پوليس لاش ڪاٽي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش سڃاڻپ لاءِ سول اسپتال جي مرده خاني ۾ رکيو ويو جڏهن ته هڪ ڏينهن
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5



شڪارپور: مارجي ويل شير پٺاڻ جو لاش پيل آهي

ٽنڊوآدم ۾ جماعت اسلامي ليڊيز ونگ پاران مهانگائي ۽ ٻين مسئلن خلاف مظاهرو

مظاهرين ناظم سلمئ شوڪت، ناهيد وحيد، نائلا ياسمين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

مهانگائي تي ضابطو آڻي اثرائتي معاشي سڌارا لاڳو ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) جماعت اسلامي ضلع سانگهڙ پاران مهانگائي لوڊ شيڊنگ اوور بلنگ ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي جماعت اسلامي عورت ونگ ضلع سانگهڙ جي ناظم سلمئ شوڪت ضلعي نائب ناظم ناهيد وحيد، نائلا ياسمين، ٽنڊو آدم جي نائب ناظم ثمينه جماعت اسلامي جي امير عريف الله سيفي، عبدالغفور انصاري، عبدالستار انصاري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، پيٽروليم اسمن بجلي گئس، دوائن ۽ عام واهپي وارين شين جي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ ساند برادري جو غلام شبير ساند جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو



حيدرآباد: جماعت اسلامي عورت ونگ پاران مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مانجهند ويجهو ٽرڪ سائين بورڊ سان ٽڪرائجڻ سبب هڪ ڄڻو فوت، ٻه زخمي



حيدرآباد: مهيران علي رند جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏگهڙي ۾ فيصل ڪنڀار جي فوت ٿيڻ تي وارثن پاران لاش رکي ڌرڻو روڊ بلاڪ

مظاهرين مقتول نوجوان جو لاش مرڪزي محمدي چوڪ تي رکي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪيو، ٽريفڪ معطل

نوجوان کي تشدد بعد زخمي حالت ۾ اچلايو ويو، حيدرآباد اسپتال ۾ هو فوت ٿي ويو، پوليس ڪيس نٿي ڪري:مظاهرين

ايس ايڇ او جي مظاهرين سان ڳالهيون ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام، پوليس ٽن ڄڻن کي حراست ۾ ورتو پوسٽ مارٽم لاءِ ليٽر جاري

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ مبينا مقتول نوجوان جي لاش مرڪزي محمدي چوڪ تي رکي وارثن ۽ علائقي واسين پوليس خلاف احتجاجي ڌرڻو هنيو جنهن سبب شهر ۾ ٽريفڪ جو نظام سخت متاثر ٿي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



سگهڙن: ٽريڪٽرٽرالي جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويل شخص جو لاش، جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڌرڻو هنيو پيو وڃي

ڪنب پرسان بحرواهه مان هٿ آيل عورت جي لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي، لاش وارثن حوالي

فقيرآباد (ن ع) ڪنب پرسان درگاهه شهنشاهه ويجهو علي بحرواهه ۾ عورت جو لڙهندڙ لاش ڏسي ڳوٺاڻن ڪنب پوليس کي اطلاع ڏنو آهي اطلاع تي ڪنب پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي تعلقا اسپتال ڪوٽڏيجي منتقل ڪيو جتي عورت جي سڃاڻپ ڳوٺ محمد بخش وسان واسڻ مسمات ش زال ريٽائرڊ استاد غلام
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5



فقيرآباد: ڳوٺ عارب سولنگي پرسان هٿ آيل عورت جو لاش

خيرپور ۾ جماعت اسلامي عورت ونگ پاران مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ممتاز حسين سهتي، ناظم سيده ساره ضياء ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پيٽرول تي ليوي جي نالي ڀتو وٺڻ بند ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي: اڳواڻ

خيرپور(ن ع) خيرپور ۾ جماعت اسلامي عورت ونگ پاران چٽري چوڪ تي مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ عورتن ۽ ٻارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج ڪريو، "پيٽرول جون قيمتون گهٽايو" ۽ ٻيا نعرا لڳايا، احتجاج جي اڳواڻي جماعت اسلامي پاڪستان جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ممتاز حسين سهتو جماعت اسلامي عورت ونگ ضلع خيرپور جي

ڪنري پراڻي عمارت جي ڇت ڪرڻ سبب 8 سالن جو ٻار فوت

پنوعاقل ويجهو انڊڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 4 ڄڻا زخمي

ميرپوربٺورو ۾ 20 سالن کان سرڪاري اسڪول عمارت کان محروم، ڳوٺاڻا ڪرڻ جو احتجاج

80 کان وڌيڪ ٻار کليل آسمان هيٺ پڙهڻ تي مجبور آهن: مظاهرين

سوشل سيڪيورٽي حيدرآباد اسپتال ۾ آپريشن ٿيٽر بحال، پوراهين لاءِ علاج جون سهولتون فعال















سکر ۾ جماعت اسلامي حلقو خواتين مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

پنوعاقل ويجهو چوري دوران مزاحمت تي پاڪيو زخمي

ٽنڊوآدم ۾ مشتاق ذومڪي قتل ڪيس جا جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج

عمرڪوٽ مان نوجوان جي پراسرار نموني گم، وارثن جو بازيابي لاءِ احتجاج

شڪارپور ويجهو هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو، پوليس پاران جاچ شروع

عمرڪوٽ ۾ غلام محمد سولنگي جي پراسرار موت واري معاملي پوسٽ مارٽم ۾ تشدد جا نشان نه مليا

هالا ۾ 13 ورهين جي ٽينگري سان مبينا زيادتي، جوابدار گرفتار







ٽنڊو محمد خان ۾ ذهني صحت ۽ منشيات جي نقصانن بابت آگاهي سيمينار

ڪرڻ ڪٻير ۾ صحافي منظور علي سولنگي تي حملي خلاف احتجاج

سيٽڻ ۾ عالمي بريسٽ فيڊنگ هفتي جي حوالي سان آگاهي سيمينار منعقد



ڏگهڙي: تشدد سبب فوت ٿيل نوجوان جا وارث لاش رکي ڌرڻو هڻي رهيا آهن

ھ، اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز سان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڪاٽو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.